روزاني
سنڌيار
ايڊيٽر: اعجاز مهر
سکر
Daily SINDHYAR Sukkur
www.dailysindhyar.com
(جلد ڇهريون) سومر 17 اپريل 2023 ع بمطابق 26 رمضان المبارڪ 1444هه (قيمت 10 روپيا) شمارو 324

چونڊون هن سال مقرر وقت تي ٿينديون، ڏکئي وقت ۾ پارٽي سان گڏ بيهڻ وارن جي خدمتن کي وساري نه ٿو سگهجي، حلقي جي عوام هر ڀيري مون تي اعتماد جو اظهار ڪيو

عمران خان ڪيترو به زور لڳائي، 14 مئي تي چونڊون نه ٿينديون: راڻا ثناءُ الله

عمران خان آءِ ايم ايف بابت چوندو هو ته هو خودڪشي ڪندو پر وٺڻ نه ويندو، اهو سڀ آءِ ايم ايف جي ڪري ٿي رهيو آهي، پيٽرول، بجلي ۽ گئس تي سبسڊي ختم ڪئي وڃي

ڀارت جي جواب ۾ نواز شريف ايٽمي ڌماڪا ڪري پاڪستان کي سرخرو ڪيو، هن وقت ايٽمي طاقت نه هجي ها ته ڀارت اسان کي کائي وڃي ها، ايٽمي ڌماڪن ڪانپوءِ دنيا بائيڪاٽ ڪيو پر نواز شريف ملڪ کي بحران مان ڪڍيو

جڏهن ن ليگ جي حڪومت ختم ٿي ته اٽي، کنڊ ۽ پيٽرول جا اگهه گهٽ هئا، اسان جي حڪومت لوڊشيڊنگ ۽ دهشتگردي ختم ڪئي، هي فتنو هن ملڪ تي هڪ سازش جي تحت مسلط ڪيو ويو

ڏکئي وقت ۾ پارٽيءَ سان گڏ بيهڻ وارن جي خدمتن کي وساري نه ٿو سگهجي، پاڪستان جي جمهوريت اڃا ايتري مضبوط نه ٿي آهي جو مخالف حلقن ۾ به ڪم ڪري سگهي

4 سالن ۾ جيڪو ٿيو اوهان جي سامهون آهي، 50 ڪروڙ نوڪريون ڪٿي آهن؟ ڪو به گهر نظر نه پيو اچي، چيو ويو ته 50 لک گهر ٺاهيا ويندا، نواز شريف چونڊون شروع ٿيندي ئي پاڪستان واپس ايندو

فيصل آباد (م ڊ) وفاقي گهرو وزير راڻا ثناءُ الله چيو آهي ته اڳوڻو وزيراعظم عمران خان ڪيترو به زور ڏئي، چونڊون 14 مئي تي نه ٿينديون، چونڊون هن سال مقرر وقت تي ٿينديون. راڻا ثناءُ الله چيو ته ڏکئي وقت ۾ پارٽي سان گڏ بيهڻ وارن جي خدمتن کي وساري نه ٿو سگهجي، حلقي جي عوام هر ڀيري مون تي اعتماد جو اظهار ڪيو 2018ع ۾ منهنجي ٽڪ کي 3 هنڌن ۾ ورهايو/بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 01

فيصل آباد: وفاقي گهرو وزير راڻا ثناءُالله تقريب کي خطاب ڪندي

مُلڪ ۾ عام چونڊن جي تاريخ بابت اي پي سي ڪو ٽائيٽ جو فيصلو

آل پارٽيز ڪانفرنس، جماعت اسلامي جي قيادت ۾ ٿيڻ جو امڪان، عمران خان ۽ شهباز شريف کي اي پي سي ۾ سڏائڻ لاءِ رابطا شروع ڪيا ويا، اي پي سي جي هڪ نڪاتي ايجنڊا عام چونڊن جي تاريخ طئي ڪرڻ بابت آهي

جماعت اسلامي چاهي ٿي ته حڪومت ۽ مخالف ڌر چونڊن لاءِ هڪ تاريخ تي اتفاق ڪن، اي پي سي ۾ حڪومت کي آڪٽوبر کان اڳ پي ٽي آءِ کي مئي ڪانپوءِ چونڊن لاءِ راضي ڪرڻ لاءِ ڪوشش ڪئي ويندي

پاڪستان مسلم ليگ نون مان سعد رفيق ۽ اياز صادق کي جماعت اسلامي سان معاملا اڳتي وڌائڻ جو گرين سگنل ملي ويو، جماعت اسلامي جا پي ٽي آءِ ۽ ن ليگ پاران نامزد وفدن سان ويجهڪ ڳالهين جو امڪان

چونڊن جا مسئلا سُپريم ڪورٽ حل ڪري سگهي ٿي نه اسٽيبلشمينٽ تنهنڪري پنهنجي ادارن کي ان معاملن ۾ اڻ ڌريو رهڻ گهرجي، تمام زهريلي پولرائزيشن آهي ۽ ويڇا وڌي ويا آهن

ههڙين حالتن ۾ هاڪاري اڳڀرائي اِها ٿي سگهي ته چونڊيون ٿين، اليڪشن تي اسان سڀني کي اتفاق هئڻ گهرجي، رڳو پنجاب ۽ ڪي پي ۾ چونڊن سان مسئلا حل نه ٿيندا

مرڪز ۽ چئني صوبن ۾ چونڊون ٿيڻ گهرجن، اسان چونڊن لاءِ هاڪاري ڊائيلاگ چاهيون ٿا، سُپريم ڪورٽ سياستدانن کي موقعو ڏئي ته هو پنهنجا مسئلا حل ڪن، سُپريم ڪورٽ جا جج هڪ پيج تي ناهن

لاهور (م ڊ) مُلڪ ۾ عام چونڊن جي تاريخ واري معاملي تي اتفاق راءِ پيدا ڪرڻ لاءِ عيدالفطر کانپوءِ ڪُل جماعتي ڪانفرنس ڪوٺائڻ جو فيصلو ڪيو ويو آهي. ذريعن موجب آل پارٽيز ڪانفرنس، جماعت اسلامي جي قيادت ۾ ٿيڻ جو امڪان آهي. جڏهن ته عمران خان ۽ شهباز شريف کي اي پي سي ۾ سڏائڻ لاءِ رابطا شروع ڪيا ويا آهن. ذريعن جو چوڻ آهي ته اي پي سي جي هڪ نڪاتي ايجنڊا /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 02

لاهور: وزيراعظم شهباز شريف پل جي معائني لاءِ اچي رهيو آهي

ستيه پال ملڪ جي پلواما حملي واري بيان پاڪستاني موقف جي تصديق ڪئي آهي: پرڏيهي ترجمان

ڀارت، پاڪستان تي دهشتگردي جي الزام ذريعي پنهنجي شرمناڪ بيانيي ۽ سياسي ايجنڊا کي هٿي ڏيندو رهيو آهي

عالمي برادري تازن انڪشافن ۽ پاڪستان خلاف ڪوڙ ۽ فريب تي ٻڌل ڀارتي پروپيگنڊا مهم جو نوٽيس وٺندي

انڪشافن ۾ اٿاريل سوالن جو جواب ڏيڻ گهرجي، ڀارت کي پلواما حملي ڪانپوءِ علائقائي امن متاثر ڪرڻ وارن قدمن لاءِ جوابده قرار ڏنو وڃي

اسلام آباد (م ڊ) پرڏيهي آفيس جي ترجمان جو چوڻ آهي ته پلواما حملي بابت والاريل ڪشمير جي اڳوڻي گورنر جا انڪشاف پاڪستاني موقف جي حمايت ڪن ٿا. والاريل ڪشمير جي اڳوڻي گورنر ستيه پال ملڪ جي بيان تي پرڏيهي آفيس جي /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 05

پرڏيهي ترجمان

مون کي خبر آهي ته پاڻي هر گهر ۾ اچي سگهي ٿو: گورنر سنڌ

سنڌ جي گورنر لياري ۾ ٻارن جي فٽبال ٽورنامينٽ ۾ شرڪت ڪئي

ڀيهر درخواست ڪندو ته گهٽ ۾ گهٽ پگهار وڌائي 50 هزار رپيا ڪئي وڃي

ڪراچي (اسٽاف رپورٽر) سنڌ جي گورنر ڪامران ٽيسوري چيو آهي ته مون کي خبر آهي ته پاڻي موجود آهي ۽ هر گهر ۾ اچي سگهي ٿو. سنڌ جي گورنر لياري ۾ ٻارن جي فٽبال ٽورنامينٽ ۾ شرڪت ڪئي ۽ ان موقعي تي ميڊيا کي ٻڌايو ته هو /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 03

ٽي ٽي پي بابت فيصلن تي تنقيد بي بنياد آهي: شاهه محمود

پاڪستاني طالبان کي واپس اچڻو هو، ان ڪري ڪين قومي ڌارا ۾ آڻڻ جو فيصلو ڪيو ويو

اسان جي حڪومت هلي وئي، اسان جي وڃڻ ڪانپوءِ جيڪا حڪومت آئي اها ذميوار آهي

اسلام آباد (بيورو رپورٽ) پاڪستان تحريڪ انصاف جي اڳواڻ شاهه محمود قريشي چيو آهي ته پابندي مڙهيل تحريڪ انصاف بابت فيصلن تي تنقيد /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 04

سنڌ سرڪار بچت بازارن ذريعي عوام کي رليف فراهم ڪري رهي آهي: ناصر شاهه

عوام کي هر ممڪن رليف جي فراهمي پ پ چيئرمين بلاول ڀٽو زرداري جو ويزن آهي

روڊن، پلن، انڊر پاسز ۽ فلاءِ اوور جي مڪمل ٿيڻ سان ماڻهن کي سفري سهولتن لاءِ سکون جو سبب ٿينديون

ذخيرو ڪندڙ ۽ ناجائز منافعي خور معاشري جو ناسور آهن، عوام کي لٽيندڙن کي سزائون، ڏنڊ ۽ ڪيس داخل ڪيا پيا وڃن

صوبائي وزير سيد ناصر شاهه ڪراچي فيڪٽري حادثي ۾ شهيد ٿيندڙن جي وارثن سان تعزيت ڪندي

ڪراچي (رپورٽر) صوبائي وزير ناصر شاهه چيو آهي ته سنڌ حڪومت ترقياتي منصوبن ۽ بچت بازارن ذريعي عوام کي رليف فراهم ڪري رهي آهي، عوام کي هر ممڪن رليف جي فراهمي پ پ چيئرمين بلاول ڀٽو زرداري جو ويزن آهي. هڪ بيان ۾ ناصر شاهه چيو ته اربين رپين جا جاري ترقياتي منصوبا عوام کي رليف جو وڏو ذريعو آهن. روڊن، پلن، انڊر پاسز ۽ فلاءِ اوور جي مڪمل ٿيڻ سان ماڻهن کي سفري سهولتن لاءِ سکون جو سبب ٿينديون. سنڌس چوڻ هو ته سڄي شهر ۾ ٽٽل ڦٽل روڊن جي مرمت جو ڪم تيزي سان جاري آهي، عوام کي رليف ڏيڻ وارا سمورا قدم پ پ چيئرمين بلاول ڀٽو زرداري ۽ وڏي /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 08

مُلڪ ۾ معاشي بحران باوجود ترقياتي رٿائن لاءِ 129 ارب رُپيا جاري

مواصلات واري وزارت کي 22 ارب، هائر ايجوڪيشن ڪميشن کي 7 ارب جاري ڪيا ويا

گذريل سال جي 550 ارب رُپين جي ڀيٽ ۾ 50 ارب رُپيا وڌيڪ جاري ڪيا ويا

اسلام آباد (م ڊ) ترقي ۽ رٿابندي واري وزارت چوڻين ته ماهي دوران جاري ترقياتي رٿائن لاءِ 129 ارب رُپيا جاري ڪري چڪيا آهن. وزارت طرفان جاري ڪيل فنڊ، فاٽا، آزاد ڪشمير، گلگت بلتستان ۾ جاري ترقياتي رٿائن لاءِ 27 ارب /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 07

ڪنهن لاءِ لابنگ ناهيان ڪندو نه ئي ڪنهن جو ايجنٽ آهيان: زلمي خليل زاد

ڪنهن لاءِ لابنگ ناهيان ڪندو نه ئي ڪنهن جو ايجنٽ آهيان: زلمي خليل زاد

پاڪستان جي "مسٽر 10 پرسنٽ" کي جواب ڏئي رهيو آهيان

واشنگٽن (م ڊ) اڳوڻي آمريڪي نمائنده زلمي خليل زاد چيو آهي ته هو ڪنهن شخص يا ملڪ لاءِ لابنگ ناهي ڪندو نه ئي هو ڪنهن جو ايجنٽ آهي/بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 06

رياست مخالف پروپيگنڊا، پي ٽي آءِ اڳواڻ کي ايف آءِ اي وارن سڏائي ورتو

شاندانه گلزار کي رياست مخالف پروپيگنڊا ۾ سهڪار ڪرڻ تي طلب ڪيو ويو

پي ٽي آءِ اڳواڻ کي 20 اپريل تي سائبر ڪرائيم ونگ ۾ طلب ڪيو ويو

اسلام آباد (م ڊ) وفاقي جاچ ايجنسي (ايف آءِ اي) جي سائبر ڪرائيم ونگ پاڪستان تحريڪ انصاف جي اڳواڻ شاندانه گلزار کي طلب ڪري ورتو آهي. ايف آءِ اي موجب شاندانه گلزار کي رياست مخالف پروپيگنڊا ۾ سهڪار ڪرڻ تي طلب /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 09

وفاقي سرڪار پيٽرول جي اگهه ۾ 10 رپيا في لٽر واڌ ڪئي وئي

پيٽرول جي قيمت 272 رپين کان وڌيڪ 282 رپيا في لٽر ٿي وئي: اگهن ۾ مٽا سٽا جو نوٽيفڪيشن جاري

هاءِ اسپيڊ ڊيزل جي قيمت 293 ۽ لائيٽ ڊيزل جي قيمت 174 رپيا 68 پيسا في لٽر برقرار آهي

گاسليٽ جي اگهه ۾ به 5 رپيا 78 پيسا في لٽر اضافو ڪيو، پيٽروليم شين جا نوان اگهه ڪالهه رات ٻارهين وڳي کان لاڳو ٿي ويا

اسلام آباد (م ڊ) وفاقي سرڪار پيٽرول جي اگهه ۾ 10 رپيا في لٽر واڌ ڪئي وئي آهي جنهن ڪانپوءِ پيٽرول جي قيمت 272 رپين کان وڌيڪ 282 رپيا في لٽر ٿي وئي. ناڻي واري وزارت طرفان پيٽروليم شين جي اگهن ۾ مٽا سٽا جو نوٽيفڪيشن جاري ڪيو ويو نوٽيفڪيشن موجب، هاءِ اسپيڊ ڊيزل جي قيمت 293 ۽ لائيٽ ڊيزل جي قيمت 174 رپيا 68 پيسا في لٽر برقرار آهي/بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 10

درست آدمشماري سان ڪراچي مان وڏو وزير چونڊجي سگهجي ٿو: حافظ نعيم

شهباز شريف ۽ احسن اقبال کي ٻڌايو وڃي ته ڪراچي سان دشمني ڇو آهي

ڪراچي ۾ آدمشماري صحيح نموني نه ٿي آهي، ڪين ڄاڻڻ گهرجي ته ڳڻپ ڪيئن ٿيندي آهي

ڪراچي (اسٽاف رپورٽر) امير جماعت اسلامي ڪراچي حافظ نعيم الرحمان جو چوڻ آهي ته ڪراچي جي آبادي جي صحيح ڳڻپ ڪئي وڃي ته اها /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 12

بچت بازارن جو مقصد عوام کي سستي اگهه تي معياري شيون فراهم ڪرڻ آهي: محمد طارق حسن

خاص مددگار پاران عيد گاهه گرائونڊ شاهه فيصل ڪالوني ۾ لڳايل بچت بازار جي مختلف اسٽالن جو دورو

دڪاندار زندگي جي ضرورت جو سامان معياري ۽ سرڪاري اگهه تي وڪرو ڪن ۽ اڳيان سرڪاري قيمتن جي لسٽ اڳيان لڳائي وڃي

بازارن ۽ مارڪيٽن جو پابندي سان معائنو ڪندا رهندا سين ته جيئن مهانگائي ۽ ذخيره اندوزي جو خاتمو ٿئي

ڪراچي (رپورٽر) سنڌ آرڪائيوز کاتي بابت سنڌ جي وڏي وزير جي خاص مددگار محمد طارق حسن چيو آهي ته سنڌ حڪومت پاران سموري صوبي ۾ بچت بازارون لڳايون ويون آهن. جن جو مقصد سستي اگهه تي عوام کي معياري شيون فراهم ڪرڻ /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 11

ڪراچي: وڏي وزير جو خاص مددگار محمد طارق حسن بچت بازار جو دورو ڪندي

وفاقي وزير مفتي عبدالشڪور روڊ حادثي ۾ فوت، پوليس جي شروعاتي رپورٽ ۾ اهم انڪشاف

مفتي عبدالشڪور جي گاڏي سان ٽڪرائڻ واري گاڏي جي رفتار 110 ڪلوميٽر هئي، حادثي وقت مفتي عبدالشڪور جي گاڏي جي رفتار 30 ڪلوميٽر هئي

موٽر وهيڪل ايگزامنر رپورٽ موجب شاهراهه دستور تي واقعي واري هنڌ تي گاڏي جي رفتار جي حد 60 ڪلوميٽر في ڪلاڪ مقرر آهي

ٽڪر هڻندڙ گاڏي ۾ ڪا ٽيڪنيڪي خرابي نه هئي، حادثي سبب مفتي عبدالشڪور جي گاڏي جو ٽائر ۽ ايڪسل الڳ ٿي ويو

اسلام آباد (م ڊ) مذهبي معاملن وارو وفاقي وزير مفتي عبدالشڪور روڊ حادثي ۾ فوت ٿي ويو. اسلام آباد پوليس موجب مولانا عبدالشڪور هڪ نجي هوٽل کان سيڪريٽريٽ چوڪ ڏانهن وڃي رهيو هو ته هڪ تيز رفتار گاڏيءَ مولانا عبدالشڪور جي گاڏي سان ٽڪرائجي وئي. پوليس جو چوڻ هو ته مولانا عبدالشڪور کي زخمي حالت ۾ پولي ڪلينڪ اسپتال /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 13

ڪشمور: ٽڪ ٽاڪ ٺاهڻ بهاني اغوا ڪيل ٻه ڄڻا بازياب

ڌاڙيلن ٻن نوجوانن کي رابطو ڪري ڪشمور ۾ ميلي ۾ ٽڪ ٽاڪ ٺاهڻ لاءِ گهرايو هو

ٻن ويگن تي سوار ٿي لاڙڪاڻي کان ڪنڊڪوٽ پهتل نوجوانن کي ڌاڙيلن اغوا ڪري ڪچي ۾ رکيو

ڪشمور (ويب ڊيسڪ) ڪشمور جي ميلي ۾ ٻن نوجوانن کي ٽڪ ٽاڪ ٺاهڻ جي بهاني گهرائي اغوا ڪيو ويو هو جن کي پوليس آپريشن ڪري بازياب /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 14

عمران خان پاڻ مٿان داخل 121 ڪيسن خلاف عدالت سان رابطو ڪري ورتو

مُلڪ ۾ مون مٿان ڪوئيٽا، ڪراچي، اسلام آباد ۽ لاهور ۾ 121 ڪيس داخل ڪيا ويا آهن

تحريڪ انصاف جي سپورٽرن کي نظربند ۽ گرفتار ڪيو پيو وڃي، نگران صوبائي حڪومت طرفان انتقامي ڪارروائيون ڪيون وڃن پيون

فيصلي تائين عدالت داخل ڪيسن ۾ ڪارروائي روڪڻ جو حڪم جاري ڪري، پهريان کان داخل ڪيسن ۾ تاديبي ڪارروائي کان روڪيو وڃي

لاهور (ويب ڊيسڪ) پاڪستان تحريڪ انصاف جي چيئرمين عمران خان پاڻ مٿان قائم 121 ڪيسن خلاف لاهور هاءِ ڪورٽ سان رابطو ڪري ورتو آهي. لاهور هاءِ ڪورٽ ۾ داخل درخواست ۾ گهرو سيڪريٽري، قانون ۽ دفاع واري وزارت، ڪيبنيٽ /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 16

ايل پي جي قيمت ۾ بنا جواز 10 رپيا في ڪلو واڌ ڪئي وئي آهي: ايل پي جي ايسوسيئشن

اسلام آباد (م ڊ) ملڪ ۾ سياسي، معاشي ۽ آئيني بحران سان فائدو وٺندي گئس مافيا قيمتن ۾ واڌ ڪري ڇڏي. ايل پي جي ايسوسيئيشن موجب پٽرول ڪانپوءِ ايل پي جي قيمت ۾ بنا جواز 10 رپيا في ڪلو واڌ ڪئي وئي آهي جنهن بعد گهريلو سلينڊر 120 رپيا ۽ ڪمرشل 450 رپيا مهانگو ٿي وير آهي. سرڪاري /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 15

نجي بس سروس اسلام آباد کان چين جي شهر تاشڪورگان تائين بس سروس شروع ڪرڻ جو اعلان

اسلام آباد (م ڊ) نجي بس سروس اسلام آباد کان چين جي شهر تاشڪورگان تائين بس سروس شروع ڪرڻ جو اعلان ڪيو آهي. ڪمپني جي نمائندي موجب اسلام آباد کان تاشڪرگان تائين سروس 13 مئي 2023 کان شروع ڪئي ويندي. پهرئين مرحلي ۾ 28 سيٽن جي گنجائش سان متي يوٽونگ بس هلائي /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 17

مدينه منوره: اڳوڻو وزيراعظم نواز شريف ۽ وفاقي وزير اسحاق ڊار زيارت لاءِ اچي رهيا آهن

اسلام آباد: وفاقي صلاحڪار قمرالزمان ڪائره تقريب کي خطاب ڪندي

سوڊان ۾ بغاوت ڪندڙ پيرا ملٽري فوس جون فوج سان جهڙپون، 56 ڄڻا مارجي ويا

ڪيترن ئي سرڪاري هنڌن تي اسان جي گروپ قبضو ڪري ورتو آهي: پيرا ملٽري فورس سربراهه

خرطوم (م ڊ) سوڊان ۾ پيرا ملٽري فورس طرفان بغاوت جي ڪوشش کان پوءِ مختلف شهرن ۾ فوج سان جهڙپون جاري آهن جنهن جي نتيجي ۾ 56 /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 18

ڀارت ۾ اڳوڻو مسلمان اسيمبلي ميمبر ۽ سندس ڀاءُ ميڊيا آڏو گولين هڻي قتل

پوليس جي حراست دوران هٿياربندن هٿان قتل ۽ قانون جا ٻڪيا اڏيڙيندڙ اهو واقعو رياست اتر پرديش ۾ ڏينهن ڏٺي پيش آيو

ٻنهي ڀائرن کي پوليس جي حراست ۾ ميڊيڪل چيڪ اپ لاءِ اسپتال آڻڻ کان پوءِ واپسي تي ميڊيا سان ڳالهه ٻولهه دوران گولين هڻي قتل ڪيو ويو

قتل ۽ هندو انتهاپسندي تي ٻڌل نعرا رياست جي وڏي وزير يوگي ادتياناٿ جي امن ۽ امان قائم ڪرڻ ۾ ناڪامي جو وڏو ثبوت آهن: اسدالدين اويسي

نئين دهلي (م ڊ) ڀارت ۾ هٿياربندن مسلمان قانونساز اسيمبلي جي ميمبر ۽ سندس ڀاءُ کي پوليس جي قيد ۾ قتل ڪري ڇڏيو. آل انڊيا مجلس اتحاد المسلمين طرفان قتل جي سخت لفظن ۾ مذمت ڪئي وئي آهي. ايم ايل اي عتيق احمد ۽ سندس ڀاءُ جو پوليس جي حراست دوران هٿياربندن هٿان قتل ۽ قانون جا ٻڪيا اڏيڙيندڙ اهو واقعو رياست اتر پرديش ۾ ڏينهن ڏٺي پيش /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 19

وزيراعظم پاران کنڊ جي اسمگلنگ ۽ ذخيرا اندوزي خلاف ڪريڪ ڊائون جي منظوري

اعليٰ سطحي اجلاس ۾ وزيراعظم ناجائز منافعي خوري ۽ اسمگلنگ جي اطلاعن تي سخت ڪاوڙ جو اظهار ڪيو

عوام کي اسمگلرن، ناجائز منافعي خورن، ۽ ذخيرو ڪندڙن جي رحم ڪرم تي نٿو ڇڏي سگهجي: وزيراعظم

پنجاب جي نگران وڏي وزير محسن نقوي کي صوبي ۾ کنڊ جي قيمت ڪنٽرول ڪرڻ لاءِ جوڳا اپاءَ وٺڻ ۽ نگراني جي هدايت

لاهور (م ڊ) وزيراعظم، کنڊ جي اسمگلنگ، ذخيرا اندوزي، ۽ ناجائز منافعي خوري خلاف وڏي پيماني تي ڪريڪ ڊائون جي منظوري ڏئي ڇڏي آهي. لاهور ۾ ٿيل اعليٰ سطحي اجلاس ۾ وزيراعظم ناجائز منافعي خوري ۽ اسمگلنگ جي اطلاعن تي سخت ڪاوڙ جو اظهار ڪيو ۽ اسمگلنگ جي تدارڪ لاءِ اسلام آباد ۾ اعليٰ سطحي اجلاس سڏائي ورتو آهي. وزيراعظم چيو ته اجلاس /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 23

محراب پور ۾ بدامني جي باهه روزبروز وڌڻ لڳي، ڊي ايس پي جو گارڊ ڦر دوران قتل

محراب پور (رپورٽر) محراب پور ۾ بدامني جي باهه روزبروز وڌڻ لڳي ڊي ايس پي محرابپور جي گارڊ اعجاز علي ڪنڊ کان موٽر سائيڪل ڦر دوران مزاحمت تي گولي لڳڻ سبب فوت تفصيلات جي مطابق گوڏو شاخ وٽ گوٺ فتح محمد آرائين پرسان ڦورن ڊي ايس پي محرابپور جي گارڊ اعجاز علي کند کان هٿيارن جي زور تي موٽر سائيڪل /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 21

ڪمشنر ڪراچي اقبال ميمڻ پاران نيو ڪراچي ۾ فيڪٽري کي باهه لڳڻ ۽ فائر برگيڊ عملي جي فوت ٿيڻ جي جاچ ڪميٽي جوڙي وئي

ڪراچي (رپورٽر) ڪمشنر ڪراچي اقبال ميمڻ پاران نيو ڪراچي ۾ فيڪٽري کي باهه لڳڻ ۽ فائر برگيڊ عملي جي فوت ٿيڻ جي جاچ ڪميٽي جوڙي وئي آهي. ڪميٽي جو سربراهه ڊپٽي ڪمشنر سينٽرل کي مقرر ڪيو ويو آهي. ڪميٽي جو چيئرمين سميت 9 ميمبر حصو آهن. ڪميٽي جو نوٽيفڪيشن جاري ڪيو ويو آهي/بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 22

ڪشمور جي علائقي بخشاپور ۾ انڌي اسٽاپ تي ڊومڪي برادري ۾ جهيڙو، 5 ڄڻا قتل

بخشاپور جي انڌي اسٽاپ تي پراڻي زميني تڪرار تان ڊومڪي برادري ۾ جهيڙو ٿي پيو

فائرنگ جي نتيجي ۾ عيدن ڊومڪي، برڪت ڊومڪي، ڏتي بخش ڊومڪي، مارجي ويا

ذاڪر حسين ، نور محمد، پير بخش، طارق حسين ڊومڪي سميت 9 ڄڻا زخمي ٿي پيا

ڪشمور (رپورٽر) ڪشمور جي علائقي بخشاپور ۾ انڌي اسٽاپ تي ڊومڪي برادري جي ٻن گروپن ۾ جهيڙو، ٻنهي گروپن پاران انڌاڌنڌ فائرنگ، فائرنگ جي نتيجي ۾ هڪ ئي ڌر جا 9 ڄڻا زخمي ٿي پيا، جڏهن ته 5 ماڻهو ڦٽجي ٿي ئي فوت ٿي ويا پوليس زخمين ۽ لاشن کي سول اسپتال پهچايو خبر موجب ڪشمور جي علائقي بخشاپور جي انڌي اسٽاپ تي پراڻي زميني تڪرار تان /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 20

اليڪشن ٿيڻ آئيني گهرج آهي، چيف جسٽس دليرانا فيصلا ڪندو ته تاريخ ڪيس ياد رکندي: فواد چوڌري

سپريم ڪورٽ جي حڪم تي عمل ٿيڻ ضروري آهي، اميد ته اليڪشن ڪميشن واعدي موجب چونڊن لاءِ فنڊ جاري ڪندي

مولانا فضل الرحمان جو ٽي ايل پي ڌرڻ جي حمايت بابت الزام سنگين آهي، ڪميشن جوڙي جاچ ڪرائي وڃي

فضل الرحمان نالا ڪنيا، جن ماڻهن سان سندس ڳالهه ٻولهه ٿي هئي، ڪيس پنهنجي قد موجب ڳالهيون ڪرڻ گهرجن

لاهور (م ڊ) تحريڪ انصاف اڳواڻ فواد چوڌري چيو آهي ته اليڪشن ٿيڻ آئيني ضرورت آهي. سپريم ڪورٽ جي حڪم تي عمل ٿيڻ ضروري آهي، اميد ته اليڪشن ڪميشن واعدي موجب چونڊن لاءِ فنڊ جاري ڪندي. اسلام آباد ۾ حماد اظهر سان گڏ پريس ڪانفرنس ڪندي چيو ته فواد چوڌري چيو ته جنهن کي ڪير نٿو سڃاڻي اهو ماڻهو جنهن ۽ 8 رڪني بينچ خلاف ريفرنس آڻي ٿو، /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 24

پي ٽي آءِ اڳواڻ فواد چوڌري

سنڌ انوائرمينٽل ٽربيونل ۾ ملير ايڪسپريس وي جي اڏاوت سبب ماحوليات کي درپيش خطرن جي ڪيس جو فيصلو

ڪراچي (رپورٽر) سنڌ انوائرمينٽل ٽربيونل ۾ ملير ايڪسپريس وي جي اڏاوت سبب ماحوليات کي درپيش خطرن جي ڪيس جو فيصلو محفوظ ڪيو هو ٽربيونل ملير ايڪسپريس وي تي تعميراتي ڪم جاري رکڻ جو حڪم ڏئي ڇڏيو آهي منصوبي تي تعميراتي ڪم کي جاري رکڻ لاءِ هدايتون جاري ڪيون وڃن ٽربيونل /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 28

دبئي جي رهائشي عمارت ۾ باهه، 3 پاڪستانين سوڌو 16 ڄڻا فوت

دبئي جي گنجان آباد علائقي الرس جي رهائشي عمارت ۾ باهه لڳي وئي

عمارت ۾ باهه کان بچاءُ ۽ حفاظتي رستن جو مناسب انتظام نه هو

دبئي (م ڊ) دبئي جي هڪ رهائشي عمارت ۾ باهه لڳڻ سبب 16 ڄڻا فوت ۽ 9 زخمي ٿي پيا. دبئي پوليس موجب ڊيرا دبئي جي گنجان آباد علائقي /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 25

رائونتي جي ڪچي ۾ پوليس آپريشن، پنج ڌاڙيل زخمي ڪرڻ جي دعويٰ

ڌاڙيلن پاران اي پي سي جي ٽٽل ٽڪرن سان ڪڍيل تصويرون به سوشل ميڊيا تي وائرل ڪئي وئي

پوليس جي ڪنهن به گاڏي کي نقصان ناهي ٿيو، ڌوهاري راهب شر جو گهيرو تنگ ڪيو ويو آهي: ايس ايس پي

ڌاڙيل پوليس تي 20 راڪيٽ لانچرز فائر ڪري چڪا آهن، مقابلي ۾ 5 ڌاڙيلن کي زخمي ڪيو ويو آهي: ايس ايڇ او

گهوٽڪي (رپورٽر) رائونتي جي ڪچي واري علائقي ۾ پوليس ۽ ڌوهارين ۾ مقابلي دوران 5 ڌاڙيل زخمي ڪرڻ جي دعويٰ ڪئي وئي آهي. ميڊيا رپورٽن موجب ڌاڙيلن پاران اي پي سي جي ٽٽل ٽڪرن سان ڪڍيل تصويرون به سوشل ميڊيا تي وائرل ڪئي وئي آهي. ايس ايس پي گهوٽڪي جو چوڻ آهي ته پوليس جي ڪنهن به گاڏي کي نقصان ناهي ٿيو. جڏهن ته ڌوهاري راهب شر /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 26

خضدار ۾ عيد جي موڪلن تي گهر ويندڙ 5 پوليس اهلڪار اجل جو شڪار

نيشنل هاءِ وي تي شهدا چيڪ پوسٽ ڀرسان ڪار ۽ ٽرڪ ۾ ٽڪر ٿي پيو

پوليس اهلڪار عيد جي موڪلون ملهائڻ لاءِ پنهنجن گهرن ڏانهن وڃي رهيا هئا

خضدار (م ڊ) بلوچستان جي علائقي خضدار ۾ نيشنل هاءِ وي وٽ روڊ حادثي جي نتيجي ۾ پنج پوليس اهلڪار فوت ٿي ويا آهن. خضدار جي ڊپٽي /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 27

ڪراچي ۾ ڪيپيٽل پوليس اينٽي وهيڪل لفٽنگ يونٽ جي ڪاروائي بين الصوبائي ڪارچورن جي گروهه جا 2 جوابدار گرفتار

اسلام آباد (بيورو رپورٽ) ڪيپيٽل پوليس اينٽي وهيڪل لفٽنگ يونٽ جو وڏو ۽ ڪامياب آپريشن ڪندي گاڏي چورن جي بين الصوبائي گروهه جي ٻن اهم ميمبرن کي گرفتار ڪري ورتو آهي. انچارج AVLU راڻا محمد اشرف ميمڻ پنهنجي ٽيم سان گڏ شهرين کي قيمتي گاڏين کان محروم ڪندڙ بين الصوبائي ڪار چور گينگ /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 30

مليرجي شاهه لطيف ٿاڻي مان ٻه مغوي بازياب، ايس ايڇ او معطل

شاهه لطيف ٿاڻي تان اينٽي وائلنٽ ڪرائم سيل ڇاپو هڻي ٻن مغوين کي بازياب ڪرايو

ڪراچي (رپورٽر) ڪراچي ۾ ٻن مغوين جي بازيابي واري معاملي ۾ غفلت ڪرڻ تي ايس ايڇ او شاهه لطيف کي معطل ڪيو ويو آهي. شاهه لطيف /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 29

لاهور: ماڻهو سرڪار طرفان ملندڙ مفت اٽو وصول ڪري رهيا آهن

دادو ۾ خدا آباد واري علائقي جي رهواسين پاران نوجوان جي مبينا اغوا خلاف احتجاجي مظاهرو

محمد صديق پنهور عبدالرحيم پنهور احمد علي پنهور ڪاظم پنهور احتجاجي مظاهرو ڪيو

اسان جي نوجوان مير حيدر پنهور کي اغوا ڪيو ويو آهي، نوٽيس وٺي انصاف ڪيو وڃي: مظاهرين

مير حيدر پنهور کي آزاد ڪرائي ۽ منهنجي زمين تان قبضو ختم ڪرائي مونسان انصاف ڪيو وڃي

دادو (رپورٽ عزيزالله خاصخيلي) دادو ۾ خدا آباد واري علائقي جي رهواسي محمد صديق پنهور عبدالرحيم پنهور احمد علي پنهور ڪاظم پنهور حاجي مولا بخش پنهور سليم پنهور جي اڳواڻي ۾ هٿن ۾ پليءِ ڪارڊ کڻي جبري گرفتار نه ٿيڻ خلاف دادو /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 01

دادو: مبينا اغوا ٿيل نوجوان جي بازيابي لاءِ علائقي جي رهواسين پاران احتجاج ڪيو پيو وڃي

پي ٽي آءِ سنڌ جي صدر علي زيدي جي گرفتاري خلاف بدين ۾ ڪارڪنن جو احتجاج

بدين (رپورٽ: مرتضيٰ ميمڻ) پي ٽي آءِ سنڌ جي صدر علي زيدي جي گرفتاري خلاف پي ٽي آئين ضلع بدين جي صدر عزيز الله جنرل سيڪريٽري حاجي غلام رسول ميمڻ اطلاعات سيڪريٽري لالا نواز شيخ جي اڳواڻي ۾ الله والا چوڪ تي انصاف هائوس اڳيان رات دير سان احتجاجي مظاهرو ڪري ٽائر ساڙي روڊ بند ڪري ڇڏيو ۽ /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 06

سرحد پرسان حيسڪو ميرپور ماٿيلو جي نااهلي سبب مختلف ڳوٺن جي بجلي بحال نه ٿي

ڪافي عرصي کان بجلي ناهي ڳوٺن ۾ چورين روز جو معمول بڻجي ويون آهي: علائقي واسي

جهانپور شريف مان 15 ڏينهن اڳ چورن مختلف ڳوٺن جي بجلي جو تارون ڪٽيون ويون هيون

سرحد (رپورٽ: غلام عباس مهر) سرحد پرسان حيسڪو ميرپور ماٿيلو جي نااهلي سبب، جهانپور شريف سميت مختلف ڳوٺن جي بجلي بحال نه ٿي سگهي. ڪافي عرصي کان بجلي ناهي ڳوٺن ۾ چورين روز جو معمول بڻجي ويون، ڪافي ڳوٺ اونڌائي جو شڪار، حيسڪو ميرپور ماٿيلو پاران اوائي لک روپيا رشوت طلب، صدر الدين شاهه بخاري ۽ ٻين پاران بجلي بحال ڪرڻ جو مطالبو /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 07

سکر ۾ عورت پاران پائرن جي زيادتين خلاف احتجاجي مظاهرو، نوٽيس وٺڻ جي گهر

ڪارنهن جي تهمت مڙهي 4 لکن ۾ پيرسن سان وڪرو ڪرڻ جو پيڻ جو پائرن مٿان الزام

گهر ۾ قيد رکڻ بعد معصوم پٽ محمد يعقوب کسي گهران ڪڍي ڇڏيو آهي: حميده ميراڻي

سيشن ڪورٽ ۾ ڪيس داخل ڪرايو آهي پوليس جوابدار پائرن ۽ ماٿيلو پيءُ کي گرفتار نٿي ڪري

سکر (رپورٽ: امداد علي گل ڪلوڙ) سکر ۾ رت جي رشتن جي روپ ۾ لڪيل وحشي نڪتا، ڪارنهن جي تهمت مڙهي 4 لکن ۾ پيرسن سان وڪرو ڪرڻ جو پيڻ جو پائرن مٿان الزام. مڙس بلاجواز گهر ۾ قيد ڪري تشدد بعد زبردستي گهران ڪڍي ڇڏڻ ۽ پائر قتل ڪرڻ جي ڪوشش بابت ڏانهون، متاثرن پارڻ ماءُ ڊي آءِ جي ۽ ايس ايس پي سکر کي تحفظ فراهم ڪرڻ ۽ انصاف جي /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 10

سکر: عورت پاران پائرن جي زيادتين خلاف احتجاج ڪندي

پروفيسر اجمل ساوند جي قتل واقعي خلاف دادو ۾ ڪارڪنن پاران احتجاجي مظاهرو

دادو (رپورٽ: عزيزالله خاصخيلي) پروفيسر شهيد اجمل ساوند جي قتل واقعي خلاف دادو ۾ ايس يو پي جي مرڪزي سڏ تي مقامي اڳواڻ سجاد پهنور امتياز علي عمراڻي عادل سيال احسان عباسي ثناءُ الله هنگورو بابر ٿهيم ۽ ٻين جي اڳواڻي ۾ قاتلن جي گرفتاري لاءِ دادو پريس ڪلب اڳيان احتجاجي مظاهرو ڪيو ويو اڳواڻن چيو ته /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 14

سلطانپور ويجهو بااثر زميندار پنهنجي عدالت لڳائي ڇڏي، عورت سان زيادتي جي ڪوشش

وارثن جي مزاحمت تي بااثر زميندار جو سنڌن هارين مٿان مبينا تشدد ٻن مردن سميت عورتون زخمي

زميندار نظير احمد انڊڙ پاران عورت کي جنسي حوس جو نشانو بڻائڻ جي ڪوشش دوران لٺين سان تشدد

ٽريڪٽر خريد ڪرڻ ۾ آئون ضامن آهيان ڊرامو رچايو ائائون پلي معاملي جي انڪوائري ڪرائي وڃي: زميندار

سلطانپور (رپورٽ) سلطانپور ويجهو بااثر زميندار پنهنجي عدالت لڳائي ڇڏي، پنهنجي زمين تي هاري لاءِ ويهاريل هاري جي نياڻي جي عزت ۾ هٿ وجهڻ جي ڪوشش، عورت جي وارثن جي مزاحمت تي بااثر زميندار جو سنڌن هارين مٿان مبينا تشدد ٻن مردن سميت عورتون زخمي، هارين جو عورتن سميت احتجاج زميندار مٿان جنسي زيادتي جو الزام، خبر موجب سلطانپور ويجهو /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 15

ٽنڊو محمد خان ۾ ايس يو پي جي ڪارڪنن پاران اجمل ساوند جي قتل خلاف احتجاج

اجمل ساوند جي قتل واري واقعي خلاف پريس ڪلب آڏو مظاهرو ڪري سخت نعريبازي ڪئي وئي

سنڌ اندر وڏنڊڙ قبيلائي تڪرارن ۾ ڪيترائي ساڃاهه وند ماڻهو قتل ٿي چڪا آهن: اڳواڻن جون ڳالهيون

بين اقوامي تعليمي يافتا پروفيسر ڊاڪٽر اجمل ساوند کي به ناڪارا سرداري نظام جي ورچڙهي ويو

ٽنڊو محمد خان (رپورٽ: مظفر علي بروهي) ٽنڊو محمد خان ۾ ايس يو پي جي ڪارڪنن پاران پروفيسر اجمل ساوند جي قتل واري واقعي خلاف پريس ڪلب آڏو احتجاجي مظاهرو ڪري سخت نعريبازي ڪئي وئي. ان موقعي تي ضلعي صدر /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 20

ٽنڊو محمد خان: ايس يو پي جي ڪارڪنن پاران اجمل ساوند جي قتل خلاف احتجاج ڪيو پيو وڃي

ملير ۾ پروفيسر اجمل ساوند جي قاتلن کي گرفتار نه ڪرڻ خلاف احتجاجي مظاهرو

سنڌ يونائيٽيڊ پارٽي ڪراچي ڊويزن ۽ مهراڻ انجنيئرز فورم پاران احتجاجي مظاهرو ڪيو ويو

منير احمد مگسي، ڊاڪٽر علي نواز گبول، ايڊووڪيٽ فاروق احمد ڳوررڙ ۽ ٻين اڳواڻن پاران شرڪت

ستار ڏاهري محبوب علي ڪوسو، ايڊووڪيٽ صداقت علي ڳوررڙ، مير حاصل خان مري ۽ ٻيا شريڪ ٿيا

ڪراچي (رپورٽ) پروفيسر اجمل ساوند جي قاتلن کي گرفتار نه ڪرڻ خلاف ملير پريس ڪلب سامهون سنڌ يونائيٽيڊ پارٽي ڪراچي ڊويزن ۽ مهراڻ انجنيئرز فورم پاران احتجاجي مظاهرو، مظاهرين هٿن ۾ بينر پلي ڪارڊ کڻي سخت نعري بازي ڪندي قاتلن کي جلد گرفتار ڪرڻ جو مطالبو ڪري رهيا هئا. ان موقعي تي سنڌ يونائيٽيڊ پارٽي جي ڊويزن صدر منير احمد مگسي. /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 21

ڪراچي: پروفيسر اجمل ساوند جي قاتلن کي گرفتار نه ڪرڻ خلاف احتجاج ڪيو پيو وڃي

دادو پرسان ڳوٺ يار محمد ٻگهيو پنهنجا گهر جي رهواسي پيرسن پاران احتجاجي مظاهرو

پيرسن يار محمد ٻگهيو ۽ سندس پٽ ذوالفقار پريس ڪلب احتجاجي مظاهرو ڪيو

منهنجي نافرمان پٽن ۽ پائر پائٽين منهنجي زرعي زمين تي قبضو ڪري ڇڏيو آهي: پيرسن

زمين تان قبضو ختم ڪرائي پٽن پائرن ۽ پائٽن خلاف ڪيس داخل ڪري تحفظ فراهم ڪيو وڃي

دادو (رپورٽ: عزيزالله خاصخيلي) دادو پرسان ڳوٺ يار محمد ٻگهيو پرسان جا رهواسي پيرسن يار محمد ٻگهيو ۽ سندس پٽ ذوالفقار دادو پريس ڪلب ۾ پريس ڪانفرنس ڪندي ڏانهيو ته منهنجي نافرمان پٽن ۽ پائر پائٽين منهنجي زرعي زمين تي قبضو ڪري ڇڏيو آهي جنهن سبب منهنجي زمين غير آباد پيل آهي، پٽن حاجي نياز، امام دين، پاءُ غلام عباس، اشرف پائٽين /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 26

منشيات فروشن سان لاڳاپن جي الزام هيٺ دادو جا 4 پوليس آفيسر معطل

دادو (ن سنڌيار) آءِ جي سنڌ جي حڪم تي منشيات فروشن سان لاڳاپن جي الزام هيٺ دادو ضلعي جا 4 پوليس آفيسر ۽ عملدار معطل انڪوائري مقرر منشيات فروشن سان لاڳاپن جي الزام هيٺ ايس ايچ او بي سيڪشن پير الهجاير پيرزادو اسسٽنٽ سب انسپيڪٽر نظير احمد پنهور وڏو منشي علي اصغر پنهور، ٽنڊو منشي گلزار /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 27

ٽنڊو محمد خان ۾ معذورن سرڪاري ادارن ۾ معذور ڪوٽا تحت نوڪريون نه ملڻ

معذور اڳواڻ الهبخش ملاح، منور علي ۽ ٻين جي اڳواڻي ۾ علامتي بک هڙتال ڪئي وئي

نوڪريون ڏيڻ جا مسلسل آسرا ڏيئي ڪنهن به اداري ۾ ملازمت نه ڏني وئي آهي: مظاهرين

ٽنڊو محمد خان (رپورٽ: مظفر علي بروهي) ٽنڊو محمد خان ۾ معذورن سرڪاري ادارن ۾ معذور ڪوٽا تحت نوڪريون نه ملڻ خلاف پريس ڪلب آڏو احتجاجي مظاهري ڪرڻ ڪانپوءِ، معذور اڳواڻ الهبخش ملاح، منور علي ۽ ٻين جي اڳواڻي ۾ علامتي /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 02

پرياسٽي پرسان ڳوٺ جلباڻي ۾ 250 خاندانن ۾ راشن ورهائڻ جي تقريب منعقد

لاچار، غريب ۽ مسڪين ماڻهن جي خدمت عين عبادت آهي: مولانا عمران جلباڻي

عمران جلباڻي پاران 250 ڪان وڌيڪ برسات متاثر خاندانن ۾ عيد جو راشن ورهايو ويو

نوشهرو فيروز (رپورٽ: منظور ملڪ) پرياسٽي پرسان ڳوٺ جلباڻي ۾ 250 خاندانن ۾ راشن ورهائڻ جي تقريب، غريب ۽ مسڪين ماڻهن جي خدمت عين عبادت آهي اسان پنهنجي والد مرحوم جي مشن کي اڳتي وڌائيندا رهنداسين / بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 05

نوشهرو فيروز: پرياسٽي مولانا عمران جلباڻي راشن ورهائيندي

دادو ۾ آءِ بي اي ٽيسٽ پاس استادن پاران پريس ڪلب اڳيان پڳهارون نه ملڻ خلاف احتجاج

ڪنڊڙ استادن احسن ابڙو آفاق حسين ملاح محمد اشرف ڏاهري محرم علي ملاح احتجاج ڪيو

اختيارين پاران پڳهارون جاري نه ڪيون ويون آهن خزانه آفيس دادو جا چڪر ڪاٽي رهيا آهيون: الزام

دادو (رپورٽ: عزيزالله خاصخيلي) دادو ۾ آءِ بي اي ٽيسٽ پاس استادن دادو پريس ڪلب اڳيان پڳهارون نه ملڻ خلاف احتجاجي مظاهرو ڪيو ويو مظاهرو /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 09

سول سرجن نوشهرو فيروز ڊاڪٽر خادم علي مگريو جي ڊائريڪٽر جنرل هيلٿ سان ملاقات

سول سرجن ضلعي درجو ڏيارڻ ۽ آئي سي يو وارڊ ڪولائڻ لاءِ ٺهيل حڪمت عمليءَ بابت بريفنگ ڏني

ڪافي تبديلي آئي آهي اجان به اسپتال کي ضلعي اسپتال ڏيارڻ لاءِ جاکوڙي رهيو آهيان: ڊاڪٽر محمد جمن

نوشهرو فيروز (ن) سول سرجن نوشهرو فيروز ڊاڪٽر خادم علي مگريو جي ڊائريڪٽر جنرل هيلٿ سروس سنڌ ڊاڪٽر محمد جمن باهوتو سان /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 13

نوشهرو فيروز: ڊاڪٽر خادم علي مگريو جي ڊائريڪٽر جنرل هيلٿ سان ملاقات دوران ڪڍيل فوٽو

سلطانپور ويجهو ڳوٺ ملان حسين چاچڙ ۾ چلهه مان چڻنگ اٿڻ سبب 3 گهر سڙي ويا

باهه لڳڻ سبب پورهيت محرم ربن علي نواز چاچڙ جا ٽي ڪکاوان گهر سڙي رک ٿي ويا

گهرن اندر ٻڌل ٻڪريون ۽ گهرن اندر پيل سامان هنڌ پسترا ڪتون ڪپڙا سڙي رک ٿي ويا

سلطانپور (رپورٽ) سلطانپور ويجهو ڳوٺ ملان حسين چاچڙ ۾ چلهه مان چڻنگ اٿڻ سبب ٽن ڪکاوان گهرن کي اوچتو باهه وڪوڙي وئي باهه لڳڻ سبب پورهيت محرم ربن علي نواز چاچڙ جا ٽي ڪکاوان گهر سڙي رک ٿي ويا ڳوٺاڻن پنهنجي /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 18

محبت ديرو جتوئي جي پرسان ڳوٺ حاجي محرم سرگاڻي جي رهواسي پاران احتجاج

مان هاري ماڻهون آهيان پوليس روز روز ڪوڙا ڪيس داخل ڪري تنگ ڪري ٿي: ذوالفقار سرگاڻي

پريشان نه ڪيو وڃي جي انصاف نه مليو ته مان بيزار ٿي ايس ايس آفيس اڳيان پاڻ کي باهه ڏيندس

نوشهرو فيروز (رپورٽ: منظور ملڪ) محبت ديرو جتوئي جي پرسان ڳوٺ حاجي محرم سرگاڻي جي ڳوٺ جو رهواسي ذوالفقار سرگاڻي پوليس جي ظلمن کان تنگ ٿي نيشنل پريس ڪلب پهچي ميڊيا سان ڳالهائيندي چيو ته محبت ديرو جتوئي /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 19

نوشهرو فيروز: ڳوٺ حاجي محرم سرگاڻي جي رهواسي پاران احتجاج ڪندي

بدين جي سينئر صحافي جي چوري واپس نه ٿيڻ خلاف احتجاجي مظاهرو

پوليس پاران سندس پائٽيي جا 3 لک روپيا خرد برد ڪرڻ تي احتجاجي مظاهرو ڪيو ويو

ڊي آءِ جي حيدرآباد جي يقين دهاني ڪرائڻ بعد به مسئلو حل نه ٿيو آهي: مظاهرين جو الزا

بدين (رپورٽ: مرتضيٰ ميمڻ) بدين جي سينئر صحافي ۽ سنڌ جرنلسٽس ڪائونسل ضلع بدين جي صدر غلام مصطفي جمالي جي ڏيڍ مهينو اڳ ٿيل /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 22

سکر بئراج تاريخي اثاثو آهي فرض آهي شهر کي خوبصورت بڻايون: خورشيد احمد

شهر اندر معصوم شاهه مينارا بئراج سميت ڪيترائي قديمي عمارتون موجود آهن

عمارتون تعمير ٿي رهيون آهن صالح پٽ ۾ زمين جي قيمت في ايڪڙ ٻن ڪروڙن کان وڌيڪ آهي

سکر (رپورٽ: امداد علي گل ڪلوڙ) ڊسٽرڪٽ ڪائونسل هال تاريخي عمارت آهي سکر شهر اندر تاريخي جڳهيون موجود آهن چار هزار سال جو قديمي معصوم شاهه مينارا ۽ سکر بئراج به تاريخي اثاثو آهي اسان جو فرض آهي ته شهر کي /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 25

سکر: خورشيد احمد ميڊيا سان ڳالهائيندي

سنڌي قوم کي هڪ روشن خيال قوم جي تعمير لاءِ ٻاهر نڪرڻ جي ضرورت آهي: قادر مگسي

14 مئي تي ڪراچي ۾ هزارين ماڻهو اجمل ساوند جي قاتلن جي گرفتار نه ٿيڻ خلاف احتجاج ڪندا

ايس ايس پي، ڊي آءِ جيز سردارن جي بنگلن تي ڊيوٽي ڏئي رهيا آهن، سنڌ ۾ ڏاڙيل ڪلچر ختم ڪيو وڃي

امن امان جي صورتحال انتهائي خراب آهي، بک ۽ بدحالي ماڻهن جي زندگي اجاڙي ڇڏي آهي: افطار پارٽي ۾ خطاب

ٺٽو (رپورٽ: جاويد لطيف ميمڻ) سنڌ ترقي پسند پارٽي جي سربراهه ڊاڪٽر قادر مگسي ٺٽي پهچي سنڌ ترقي پسند پارٽي پاران افطار پارٽي ۾ شرڪت ڪئي انهي موقعي تي پريس ڪانفرنس ڪندي ڊاڪٽر قادر مگسي پاران اعلان ڪيو /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 03

ٺٽو: ايس ٽي پي اڳواڻ قادر مگسي تقريب دوران ڳالهائيندي

اوٻاوڙو، ڪنڌڪوٽ ۽ غوثپور وارن نمائندن بيحد مايوس ڪيو آهي

گهوٽڪي (رپورٽس) اوٻاوڙو، ڪنڌ ڪوٽ ۽ غوثپور وارن نمائندن بيحد مايوس ڪيو آهي، ڏاڙيلن خلاف ڪافي ڏينهن کان آپريشن هلي پيو، هزار پيرا چيو آهي ته ويب سائيٽ هر لمحي اپڊيٽ ٿيندي رهي ٿي پر مجال آهي جو 7 وڳي شام کان اڳ خبر اچي، اول ته ايندي ڪون ۽ جي آئي ته به دير سان. اڄ 7 يا 8 ڏاڙيلن جي مرڻ ۽ زخمي /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 04

سنڌ حڪومت جي ڪرپٽ ٽولي پاڻ کي عوام دشمن ثابت ڪيو آهي: آصف راڄڙ

هڪ ڀيرو ٻيهر ثابت ڪيو ته انهن کي قانون جي حڪمراني جي ڪا به پرواهه ناهي

سنڌ جي ڪرپٽ مافيا نه ٿي چاهي ته پي ٽي آءِ کين سنڌ ۾ شڪست ڏئي: ڳالهيون

ٺٽو (رپورٽ: جاويد لطيف ميمڻ) پاڪستان تحريڪ انصاف ضلعي ٺٽي جي سينيئر اڳواڻ ۽ پي ٽي آءِ پاران گڏريل اليڪشن ۾ صوبائي تڪ گهوڙاٻاري تان ٽڪيٽ هولڊر ميڊم زيب النساء جلباڻي جي فرزند آصف راڄڙ پنهنجي هڪ بيان ۾ چيو آهي ته سنڌ حڪومت جي ڪرپٽ ٽولي هڪ ڀيرو ٻيهر ثابت ڪيو ته انهن کي قانون جي حڪمراني جي ڪا به پرواهه ناهي، آصف راڄڙ چيو ته /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 08

حيدرآباد جي نجي اسپتال پاران نياڻين سان منت ميڙ قافلو مانجهند پهتو، مهلت طلب

فوت ٿيل سماج سڌارڪ جي وارثن سان تعزيت فيصلو ڏيڻ جي خاطري ڪرائي وئي آهي

اسپتال انتظاميا ايس يو پي جي سينئر نائب صدر روشن علي برڙو جي اڳواڻي ۾ ملاقات ڪئي

انتظاميا جي غفلت سبب نوجوان سماج سڌارڪ جي صورت ۾ وڏو نقصان ٿيو آهي: روشن علي برڙو

مانجهند (رپورٽ: مهراڻ عمراڻي) حيدرآباد جي نجي اسپتال جو نياڻين سان منت ميڙ قافلو مانجهند پهتو 12 ڏينهن اڳ غفلت سبب رڳ ڪٽجڻ جي نتيجي ۾ فوت ٿيل سماج سڌارڪ جي وارثن سان تعزيت فيصلو ڏيڻ جي خاطري زين شاهه فيصلي جو امين مقرر تفصيل موجب حيدرآباد جي نجي اسپتال ۾ 12 ڏينهن اڳ ٽلي جي آپريشن ۾ رڳ ڪٽجڻ سبب فوت ٿيل سماج /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 11

مانجهند: فوت ٿيل سماج سڌارڪ جي وارثن سان تعزيت فيصلو ڏيڻ جي خاطري ڪرائي وئي

دادو ۾ عورت جي قتل جو ڪيس مڙس تي داخل، وارثن پاران انصاف جي گهر

دادو (ن سنڌيار) دادو ۾ 3 ڏينهن اڳ ٻ ٻ ٻ اير پي اي ڪلثوم چانڊيو جي پائيٽي ساجده زال ناصر لنڊ جو تشدد ٿيل پڪي ۾ ٽنگيل لاش هٿ اچڻ وارو مامرو، مقتول عورت ساجده جي پاءُ نبيل چانڊيو جي فرياد تي واقعو جو ڪيس مقتول عورت جي مڙس ناصر لنڊ مٿان اي سيڪشن ٿاڻي تي داخل، داخل ڪيس ۾ فريادي /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 12

چاهيان ٿو ته پنهنجي ضلعي ۾ تعليمي نظام ۾ بهتري آڻيان: الهڏنو عرف اي ڊي ملاح

حاضري پرائڻ وارو نظام قائم ٿيڻ تي اڪثر گوسڙو استاد ۽ سفارشي هيڊ ماستر ناراض آهن

ضلعي جي ميل ۽ في ميل سميت سيڪنڊري اسڪولن جي آفيسرن سان وڊيو لنڪ تي گڏجاڻي

مانيٽرنگ ڪرڻ دوران سيڪنڊري ۽ هائر سيڪنڊري جي اسڪولن ۾ 75 سيڪڙو بهتري آئي آهي

بدين (رپورٽ مرتضي ميمڻ) بدين ضلعي جي 71 هائر ۽ سيڪنڊري اسڪولن ۾ روزانا صبح ساڍا ست وڳي آن لائين اسيمبلي ڪرائڻ ۽ ساڍا ست وڳي کان موڪل ٿيڻ جي وقت تائين استادن جي حاضري پرائڻ وارو نظام قائم ٿيڻ تي اڪثر گوسڙو استاد ۽ سفارشي هيڊ ماستر ناراض آهن اهڙو اظهار بدين ضلعي جي نئين مقرر ٿيندڙ ڊي اي او الهڏنو عرف اي ڊي ملاح "سنڌ يار" سان ڳالهائيندي /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 16

پي ٽي آءِ سنڌ جي صدر علي زيدي جي بلاجواز گرفتاري خلاف احتجاجي مظاهرا ڪرڻ جو الزام

علي زيدي کي 3 ڏينهن اندر آزاد نه ڪيو ويو ته ڪارڪن روڊن تي هوندا: سيد ذوالفقار علي شاهه

حڪومت اقتدار جي نشي ۾ ڌت ٿي ڪوڙا من گهڙت ڪيس داخل ڪري گرفتار ڪري رهي آهي

علي زيدي مٿان ڪوڙو ڪيس داخل ڪري ڪيس گرفتار ڪرڻ واري عمل جو فوري طور تي نوٽيس وٺن

ٽنڊو محمد خان (رپورٽ: مظفر علي بروهي) پي ٽي آءِ سنڌ جي صدر علي زيدي جي بلاجواز گرفتاري خلاف پي ٽي آءِ سڄي سنڌ اندر احتجاج ڪرڻ جو اعلان ڪري ڇڏيو. علي زيدي کي 3 ڏينهن اندر آزاد نه ڪيو ويو ته ڪارڪن روڊن تي هوندا /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 17

ٽنڊو محمد خان: پي ٽي آءِ سنڌ جي صدر علي زيدي جي بلاجواز گرفتاري خلاف احتجاج ڪندي

ڊپٽي ڪمشنر بدين جي صدارت هيٺ آدمشماري متعلق اهم گڏجاڻي، عملدار شريڪ ٿيا

2017 جي مقابلي ۾ نئين آدمشماري ۾ ضلعي بدين ۾ 9 سيڪڙو واڌ ٿي آهي: بريفنگ

فارمولي تحت هر سال 2 سيڪڙو آبادي وڌي ٿي 6 سالن ۾ گهٽ ۾ گهٽ 12 سيڪڙو آبادي وڌڻ گهرجي

1499 بلاڪن مان 176 بلاڪن ۾ آبادي وڌڻ بدران گهٽجي آهي، سببن تي غور ويچار ڪيو ويو آهي

بدين (رپورٽ: مرتضيٰ ميمڻ) ڊپٽي ڪمشنر بدين آغا شاهنواز خان جي زير صدارت ڪيمپ آفيس ۾ آدمشماري متعلق اهم گڏجاڻي منعقد ڪئي وئي گڏجاڻي کي بريفنگ ڏيندي ٻڌايو ويو ته مجموعي طور تي 2017 جي مقابلي ۾ نئين آدمشماري ۾ ضلعي بدين ۾ 9 سيڪڙو واڌ ٿي آهي سينسز جي فارمولي تحت هر سال 2 سيڪڙو آبادي وڌي ٿي 6 سالن ۾ گهٽ ۾ گهٽ 12 سيڪڙو /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 23

بدين: آدمشماري متعلق اهم گڏجاڻي کي ڊپٽي ڪمشنر آغا شاهنواز خان صدارت ڪندي

سجاول ۾ جتوئي برادري جي عورتن، مردن ٻارن سان گڏ قرآن پاڪ کڻي احتجاجي مظاهرو

بيگناهه موري لڳ رڻ ملاح جا رهواسي جتوئي برادري جي عورتن، مردن ٻارن سان گڏجي مظاهرو ڪيو

جتوئي برادري جي ٽن ماڻهن کي مبينه ڪنيپي گم ڪرڻ خلاف ايس پي آفيس سجاول اڳيان ڌرڻو هنيو ويو

پوليس نظير حسين جتوئي، خادم حسين جتوئي ۽ قمبر علي جتوئي کي ڪنيپي گم ڪري ڇڏيو آهي: مظاهرين

سجاول (رپورٽ: ممتاز علي نهڙيو) سجاول ۾ جتوئي برادري جي عورتن، مردن ٻارن سان گڏ قرآن پاڪ مٿي تي کڻي پوليس پاران ٽن ماڻهن کي مبينه ڪنيپي گم ڪرڻ خلاف احتجاج، سجاول ويجهو بيگناهه موري لڳ رڻ ملاح جا رهواسي جتوئي برادري جي عورتن، مردن ٻارن سان گڏ قرآن پاڪ مٿي تي کڻي پوليس پاران جتوئي برادري جي ٽن ماڻهن کي مبينه ڪنيپي گم ڪرڻ /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 24

*** روزاني سنڌيار سکر پبلشر اي حسين، سم پرنٽنگ پريس بي آر ٽاور چندريگر روڊ ڪراچي مان ڇپرائي سکر آفيس گهر نمبر سي 92، دهلي مسلم هائوسنگ سوسائٽي ايئرپورٽ روڊ سکر مان پڌري ڪئي وئي ***

روزاني
سنڌيار
ايڊيٽر: اعجاز مهر
Daily SINDHYAR
www.dailysindhyar.com
سومر 17 اپريل 2023ع

آءِ ايم ايف جا ڳرا شرط ۽ پاڪستاني معيشت

پروفيسر اختيار گهمرو

انٽرنيشنل مانيٽري فنڊ (آءِ ايم ايف) عام طور تي معاشي مشڪلاتن کي منهن ڏيندڙ ملڪن جي مالي مدد ڪندڙ ادارو سمجهيو ويندو آهي. ان جو وجود 1944ع ۾ برٽن ووڊس ۾ آمريڪا ۽ ٻين مغربي ملڪن جي زير اثر ٿيندڙ ڪانفرنس ۾ پيو. ان وقت برٽن ووڊس نظام کي ٻي عالمي جنگ ڪانپوءِ واري عالمي معيشت کي مستحڪم ڪرڻ لاءِ جوڙيو ويو هو ان اداري کي عالمي معاشي تسلط قائم رکڻ لاءِ هڪ هٿيار طور پڻ ڏٺو وڃي ٿو. آءِ ايم ايف جي قانون موجب، ادارو "عالمي معاشي ترقي، مالي استحڪام، بين الاقوامي واپار، روزگار، ۽ غربت گهٽائڻ لاءِ ناهيو ويو آهي. جيڪو معاشي استحڪام ۽ ترقي کي هٿي ڏيڻ لاءِ ضرورتمند ملڪن کي قرض ۽ ٽيڪنيڪل مدد فراهم ڪندو". پر اهو ادارو پنهنجي مينڊيٽ کان ٻاهر ڪم ڪري رهيو آهي. ملڪ آءِ ايم ايف کان مختلف سببن ڪري قرض وٺندا آهن. خاص ڪري ادائگين جي توازن کي حل ڪرڻ يعني ڪو ملڪ پنهنجون بين الاقوامي مالياتي ذميواريون پوريون ڪرڻ جي قابل نه رهي، جهڙوڪ قرضن جي واپسي يا درآمدات جون ادائگيون وغيره. ملڪ تيزيءَ سان وڌندڙ مهانگائي، وڏا عوامي قرض، يا پرڏيهي سيڙپڪاري جي کوٽ وغيره لاءِ به قرض وٺن ٿا. وسيلن جي کوٽ ملڪن کي آءِ ايم ايف کان قرض وٺڻ تي مجبور ڪري ٿي، جنهن ڪري ملڪ معاشي مسئلا پاڻ حل ڪرڻ جي سگهه وڃائي ويهندا آهن. سمجهندا آهن ته آءِ ايم ايف جو ادارو انهن کي گهربل مالي مدد مهيا ڪري ڏي ٿو اقتصادي ترقي لاءِ ڊگهي مدي وارا گهربل معاشي سڌارا به لاڳو ڪندا آهن. لاڳو شرط اڪثر نيو لبرل معاشي پاليسين کي لاڳو ڪرڻ تي زور ڏين ٿا، جن سان اسرندڙ ملڪن بجاءِ ملٽي نيشنل ڪارپوريشنز ۽ عالمي مالياتي اشرافيه کي فائدو ٿئي ٿو.

تاريخي طور آمريڪا ۽ ٻين مغربي طاقتن جو آءِ ايم ايف تي تسلط رهيو آهي. تسلط اداري جي پاليسين ۽ عملن کي پنهنجي فائدي لاءِ جوڙيو آهي. اسرندڙ ملڪن جو فيصلا سازيءَ ۾ ڪردار محدود رهيو آهي ۽ اڪثر ملڪ پنهنجي ملڪي ۽ سياسي مفادن خلاف پاليسين کي قبول ڪرڻ تي مجبور هوندا آهن. اهڙي ئي ڪردار متعلق ڪيوبا جي ڪامريڊ فيڊل ڪاسترو جو چوڻ هو ته، اداري جي پاليسين، جهڙوڪ آزاد واپار کي هٿي وٺرائڻ ۽ مالياتي مارڪيٽن تان پابنديون هٽائڻ وسيلي اسرندڙ ملڪن جي قيمت تي ترقي يافته ملڪن کي فائدو ڏنو ويو آهي. هن جوائي، پاليسين اسرندڙ ملڪن ۾ معاشي اڻبرابري، ماحولياتي تباهي ۽ معاشي عدم استحڪام ۾ اضافو ڪيو آهي، امير سيڙپڪارن کي فائدو پهتو آهي.

پاڪستان 11 جولاءِ 1950ع تي آءِ ايم ايف جو ميمبر بڻيو ميمبر بڻجڻ کان وٺي هينئر تائين آءِ ايم ايف کان قرض وٺڻ جي هڪ ڊگهي تاريخ آهي. ادائگين جي اڻ برابري جهڙي مشڪلاتن کي منهن ڏيڻ ۽ معاشي سڌارن کي لاڳو ڪرڻ لاءِ پاڪستان ڪيترائي قرض وٺي چڪو آهي. پاڪستان پهريون قرض 1960ع ۾ ادائگين جي توازن (واپاري خساري سبب) وارين مشڪلاتن کي منهن ڏيڻ لاءِ ورتو جيڪو 20 ملين ڊالر هو پيو قرض 1965ع ۾ آءِ ايم ايف کان 30 ملين ڊالر ورتو هو اهو قرض 1965ع واري جنگ کان پوءِ ورتو ويو، جنهن جو معيشت تي ناڪاري اثر پيو 1980ع ۾ به 515 ملين ڊالر قرض ورتو. اهو قرض عالمي مالياتي ادارن طرفان مليل هڪ امدادي پيڪيج جو حصو هو، جنهن جو مقصد بيلنس آف پيمينٽ جي خساري کي منهن ڏيڻ لاءِ مدد ڪرڻ هو 1988ع ۾ آءِ ايم ايف کان 605 ملين ڊالر قرض مليو اهو قرض به ادائگين ۾ مشڪلاتن کي منهن ڏيڻ ۽ معاشي سڌارا لاڳو ڪرڻ ۾ مدد ڏيڻ لاءِ ڏنو ويو هو 1997ع ۾ آءِ ايم ايف کان 1.6 بلين ڊالر جو قرض ورتو ويو اهو قرض معاشي سڌارا (معيشت کي آزاد ڪرڻ)، ادائگين جي خساري کي منهن ڏيڻ لاءِ ڏنو ويو هو 2001ع ۾ آءِ ايم ايف کان 1.3 بلين ڊالر قرض ورتو ويو. اهو قرض به پاڪستان کي ادائگين جي خساري کي پوري ڪرڻ ۽ معاشي سڌارا ڪرڻ لاءِ ڏنو ويو هو. 2008ع ۾ پاڪستان آءِ ايم ايف کان 7.6 بلين ڊالر قرض ورتو. اهو قرض عالمي مالياتي بحران جي تناظر ۾ ڏنو ويو هو ۽ ان جو مقصد به بيروني ادائگين جي مشڪلاتن کي منهن ڏيڻ ۽ معاشي سڌارا لاڳو ڪرڻ ۾ مدد ڏيڻ لاءِ هو. پاڪستان 2013ع ۾ آءِ ايم ايف کان 6.7 بلين ڊالر قرض ورتو. اهو قرض به بيلنس آف پيمينٽ خساري تي ضابطي آڻڻ ۽ معاشي سڌارا لاڳو ڪرڻ ۾ مدد ڏيڻ لاءِ ڏنو ويو هو. اهڙي طرح 2019ع ۾ 6.5 ارب ڊالر قرض جو معاهدو سخت شرطن تي ڪيو ويو جنهن تحت هڪ بلين ڊالرن جي قسط به جاري ڪئي وئي. ان معاهدي تحت هر قسط ڏيڻ کان اڳ اداري جي شرطن کي لاڳو ڪرڻ جو جائزو وٺڻ به لازمي ڪيو ويو. اهو قرض معاشي سڌارا لاڳو ڪرڻ لاءِ ڏنو ويو جنهن جو مقصد ادائگين جي توازن جي مشڪلاتن کي منهن ڏيڻ ۽ معيشت کي مستحڪم ڪرڻ هو. موجوده پي ڊي ايم حڪومت 18 مئي 2022ع تي آءِ ايم ايف سان معيشت کي بچائڻ جي نالي تحت باضابطه ڳالهيون شروع ڪيون. جنهن ۾ 6.5 بلين ڊالر جي قرض سميت 1.1 بلين ڊالر جي بيل آئوٽ قسط شامل آهن. جيڪي 2019ع ۾ طئي ٿيل آهن.

پاڪستان لاءِ آءِ ايم ايف جو قرض ڪيترن ئي سالن کان بحث ۽ تڪرار جو موضوع رهيو آهي. انهن قرضن پاڪستان کي معاشي بحرانن دوران تمام گهڻي ضروري مالي مدد ڏني آهي، پر اهي قرض شرط به کڻي ايندا آهن. جنهن ڪري معيشت ۽ سماجي ڀلائي تي ناڪاري اثر پوڻ ڪري تنقيد ٿيندي رهي آهي. انهن شرطن ۾، عام طور تي ملڪ ۾ آزاد معاشي پاليسيون لاڳو ڪرڻ، سادگي اپنائڻ، سرڪاري ادارن کي خانگائڻ، ۽ ڊي ريگيوليشن شامل آهن. اهي پاليسيون معيشت لاءِ هميشه نقصانڪار ثابت ٿيون آهن. خاص ڪري اسرندڙ ملڪن ۾ جتي معيشت جي بنيادي ڍانچي ۽ سهولتن جو فقدان رهيو آهي. چو ته قرض جو ڊگهي مدي وارن معاشي سڌارن بجاءِ مختصر مدت جي معاشي استحڪام وارن قدمن تي ڌيان هوندو آهي. آءِ ايم ايف طرفان بار بار مداخلتن جي نتيجي ۾ معاشي بحران پيدا ٿيندا رهيا آهن. جنهن جي نتيجي ۾ غير مستحڪم معاشي واڌ يا ترقي ٿي آهي. آءِ ايم ايف طرفان بچت ۽ مالياتي انتظام تي زور ڀرڻ ڪري سماجي ڀلائي ۽ انساني ترقي ۾ سيڙپڪاري کي نظرانداز ڪيو وڃي ٿو. جنهن جي نتيجي ۾ ملڪ ۾ غربت ۽ اڻبرابري ۾ واڌارو ٿيو آهي. اداري اڪثر سخت شرطن تي قرض ڏنو آهي، جنهن جا ملڪي معيشت ۽ عوام تي ناڪاري اثر پيا آهن. هميشه سادگيءَ وارا قدم کڻڻ جهڙوڪ حڪومتي خرچن گهٽائڻ، ٽيڪس وڌائڻ ۽ ڪرنسي جي قدر گهٽائڻ لاءِ مجبور ڪيو آهي. انهن قدمن جي نتيجي ۾ بيروزگاري وڌڻ سان گڏ، ضروري خدمتن تائين پهچ ۾ گهٽتائي ۽ سماجي ابتري وڌي آهي. نتيجي ۾ معاشي استحڪام وڌيڪ خراب ٿيو آهي. آءِ ايم ايف جون اهي پاليسيون عوام ۽ حڪومت جي ضرورتن ۽ ترجيحن کي اوليت ڏيڻ بجاءِ طاقتور بين الاقوامي مالياتي ادارن ۽ امداد ڏيندڙ ملڪن جي مفادن جي عڪاسي ڪن ٿيون. معاشي مشڪلاتن کي منهن ڏيڻ لاءِ وڌيڪ جامع ۽ پائيدار ترجيحن جي ضرورت آهي، جيڪي ملڪ جي سماجي ۽ ترقياتي ضرورتن ۽ ترجيحن کي مدنظر رکي جوڙيون وڃن. پاڪستان لاءِ آءِ ايم ايف جا شرط ملڪ جي معاشي زوال جو سبب بڻجي رهيا آهن. جيڪو ڏهاڪن کان قرضن ۽ غربت جي ڏٻ مان نڪرڻ بدران ڦاٿل رهندو اچي ٿو. جيتوڻيڪ آءِ ايم ايف قرضن واري پروگرامن کي معاشي ترقي ۽ استحڪام وڌائڻ جي دعويٰ ڪري ٿو پر حقيقت اها آهي ته اهي پروگرام مسلسل ناڪام رهيا آهن ۽ ان جي بدران پاڪستان ۾ معاشي جمود، سماجي بدحالي ۽ سياسي عدم استحڪام جو سبب بڻيا آهن. هينئر آءِ ايم ايف زور ڀري رهيو آهي ته سادگيءَ جي قدمن تي عمل ڪيو وڃي، جن جي ڪري سرڪاري خرچن ۾ گهٽتائي آئي آهي، جنهن ۾ سماجي پروگرامن جهڙوڪ صحت ۽ تعليم (نتيجي ۾ ملڪ جون يونيورسٽيون پگهارون ڏيڻ جي به قابل نه رهيون آهن) تي ضروري خرچن کي گهٽ ڪرڻ شامل آهي. انهن پاليسين پاڪستاني سماج جي غريب ۽ ڪمزور ترين ماڻهن تي تباهه ڪن اثر ڇڏيا آهن، آمدني جي عدم مساوات ۾ اضافو ٿيو آهي ۽ سماجي بدحالي کي جنم ڏنو آهي. لکين پاڪستانين کي غربت ۾ ڌڪيو ويو آهي. پرائيويٽائيزيشن ۽ ڊي ريگيوليشن ملٽي نيشنل ڪارپوريشنز کي اجازت ڏني وئي آهي ته اهي قدرتي وسيلن ۽ مزدور قوت جو استحصال ڪن، جنهن سبب ماحولياتي تباهي ۽ استحصال ٿئي ٿو انهن شرطن قرضن جي بحران کي گهٽائڻ بدران وڌايو آهي. هينئر به ملڪ قرضن جي ادائگي ڪرڻ لاءِ وڌيڪ قرض وٺڻ تي مجبور آهي. ان جي نتيجي ۾ هڪ اهڙي صورتحال پيدا ٿي وئي آهي، جو ملڪ قرضن ۾ ڦاسي پيو آهي، جنهن معاشي مشڪلاتن کي منهن ڏيڻ لاءِ غير ملڪي امداد جو محتاج بڻائڻ سان گڏ، دائمي طور غربت ۽ پسماندگي واري صورتحال ۾ ڦاسائي ڇڏيو آهي. آءِ ايم ايف جي شرطن خودمختياري ۽ جمهوري ادارن تي به ناڪاري اثر ڇڏيا آهن. سخت شرطن اڪثر ڪري حڪومت کي اهڙين پاليسين لاڳو ڪرڻ تي مجبور ڪيو آهي، جيڪي پاڪستاني عوام ۾ غير مقبول رهيون آهن. انهن جي فيصلا سازي ۽ ملڪي خودمختياريءَ کي نقصان پهچايو آهي، جنهن سبب سماجي عدم استحڪام ۽ ملڪ جي معاشي ترقيءَ ۾ وڌيڪ رڪاوٽ پيدا ٿي آهي. هڻڻ ائين گهرجي، جو گهٽ آمدني وارن ماڻهن کي اوليت ۽ تحفظ ڏئي سگهجي. غيرملڪي قرضن جي بار کي منهن ڏيڻ لاءِ ملڪ حڪمت عمليون جوڙي، جيڪي ٻيا ملڪ ڪامياب نمونو استعمال ڪري چڪا آهن. اهڙين حڪمت عملين ۾ قرضن کي ري شيڊيول ڪرائڻ، قرضن ۾ رعايت وٺڻ، برآمدات کي وڌائڻ، پرڏيهي سيڙپڪاري کي راغب ڪرڻ ۽ گهريلو وسيلن کي متحرڪ ڪرڻ شامل آهي پر اهي سڀ مضبوط ملڪي معيشت ۽ سياسي آزاديءَ سان ملڪن لاءِ اثرائتيون ٿي سگهن ٿيون. جڏهن ته، ڪمزور ادارن، ڪرپشن، يا طاقتور مفاد پرست گروهن جي مزاحمت وارن ملڪن ۾ اهي حڪمت عمليون لاڳو ڪرڻ مشڪل هوندو آهي. آءِ ايم ايف سان ڳالهيون ڪرڻ ۽ ٻاهرين قرضن کي گهٽائڻ لاءِ پاڪستاني حڪومتن جو رويو هميشه ناقص ۽ ملڪي معاشي مسئلن کي حل ڪرڻ ۾ ناڪام رهيو آهي نيولبرل پاليسين کي چيلينج ڪرڻ بجاءِ، حڪومت وڏي حد تائين انهن پاليسين کي قبول ڪيو آهي ۽ مالي امداد جي بدلي ۾ انهن پاليسين تي عمل ڪيو آهي. جنهن ڪري ملڪ معاشي خرابين جي ور چڙهيل آهي. معاهدي ڪرڻ ۽ پاڪستان جي غير ملڪي قرضن جي بار کي گهٽائڻ لاءِ وڌيڪ بهتر حڪمت عملين جي ضرورت آهي، جن ۾ آءِ ايم ايف طرفان لاڳو ڪيل لبرل پاليسين کي چيلينج ڪرڻ ۽ متبادل معاشي پاليسين کي فروغ ڏيڻ شامل آهي. اهڙيون حڪمت عمليون جوڙيون وڃن، جيڪي عوام جي ضرورتن کي ملٽي نيشنل ڪارپوريشنز ۽ عالمي مالياتي اشرافيا جي مفادن مٿان اوليت ڏين. گهريلو صنعت ۽ زراعت ۾ سيڙپڪاري کي ترجيح ڏيڻ کپي، مزدورن جي حقن جو تحفظ ڪرڻ لاءِ پاليسيون جوڙڻ گهرجن. گڏيل حڪمت عملين ذريعي مسئلاحل ڪرائڻ کي فروغ ڏئي سگهجي ٿو اڻبرابري کي ختم ڪرڻ لاءِ ترقي پسند ٽيڪس پاليسي لاڳو ڪري سگهجي ٿي. فنانسنگ جا متبادل ذريعا ڳولي سگهجن ٿا، جيئن ٻين اسرندڙ ملڪن سان تعاون ذريعي يا خود مختيار بانڊز جاري ڪرڻ جي ذريعي. اهو آءِ ايم ايف ۽ ٻين مغربي مالي ادارن تي انحصار کي گهٽائڻ ۾ مدد ڪري سگهي ٿو ۽ اقتصادي آزادي ۽ خودمختياري کي فروغ ڏئي سگهي ٿو.

******

ڪشڪول تي آڌاريل معيشت ۽ معاشي ترقي

اڃان آءِ ايم ايف جي اڳيان اسان جون گيسيون بند ئي ناهن ٿيون ته عالمي بينڪ پاڪستان جي بدترين معاشي صورتحال بابت رپورٽ جاري ڪري ڇڏي آهي، جنهن ۾ ڄاڻايو ويو آهي ته ملڪ ۾ موجود سياسي صورتحال سبب پاڪستاني معيشت کي سنگين معاشي چيلينج درپيش آهن. ملڪ ۾ وڌيڪ 39 لک ماڻهو غربت جي ليڪي کان هيٺ هليا ويا آهن. مٿا سٽا جي ناڻي جا ذخيرا هڪ مهيني جي درآمد (آمدني واپار) کان به گهٽ آهن. مهانگائي 25 سيڪڙي کان به وڌيڪ آهي. رپورٽ موجب، 2025ع تائين ڪرنٽ اڪائونٽ خسارو، مهانگائي ۽ ادائيگين جو بار وڌڻ جو خدشو آهي. عالمي بينڪ 2024ع ۽ 2025ع تائين ادائيگين جو بار 29 ارب ڊالر ساليانو تائين پهچڻ جو خدشو ظاهر ڪيو آهي. رپورٽ ۾ اهو پڻ ڄاڻايو ويو آهي ته، قرض معيشت جو 74 سيڪڙو آهن. مالياتي خسارو 6.7 سيڪڙي تائين پهچڻ جو انديشو آهي، جڏهن ته معاشي ترقيءَ جي شرح 0.4 سيڪڙو رهڻ جو امڪان آهي.

هن ملڪ جي ولادت باسعادت کي مُني صديءَ کان وڌيڪ عرصو ٿي چڪو آهي پر هتي جا حڪمران ٽولا ڪي جٽادار معاشي پاليسيون جوڙي نه سگهيا آهن. هن ملڪ کي ايڊهاڪ بنيادن تي هلايو ويو آهي. هر حڪومت پاڻ کي صرف اقتداري عرصي لاءِ ذميوار سمجهندي آهي ۽ ان وقت لاءِ ئي عارضي انتظام ڪيو ويندو آهي، قرض ورتا ويندا آهن. ۽ ان قرض جو وڏو حصو حڪمران شاهه خرچين ۾ اڏائي، خزانو خالي ڪري هليا ويندا آهن ۽ ٻي ايندڙ حڪومت انهن جو ڇڏيل ڪشڪول ڪٺي وري ساڳي ڪرت ڪي لڳي ويندي آهي. هر ايندڙ حڪومت، معاشي تباهيءَ جو الزام ويندڙ حڪومت تي هڻي ڇڏيندي آهي. ظاهر آهي ته اهڙي انتظامي تدبر ۽ معاشي پاليسين سبب معاشي بحران هن ملڪ کي مستقل مسڪن ناهي رهي پيو آهي. هن ڀيري معاشي حالت ڪجهه وڌيڪ ئي خراب ڪٿي وئي آهي، جو اسان کي عالمي ادارن اڳيان آزيون ڪرڻيون پئجي ويون آهن. ملڪي معيشت جي مهار انهن عالمي ادارن کي ڏيڻ ۽ بجيت انهن جي فرمائش ۽ شرطن موجب جوڙڻ جي واعدن معاهدن باوجود اهي اسان تي ويساهه ڪرڻ لاءِ تيار نه آهن. ڄاڻايل رپورٽ موجب، قرض معيشت جو 74 سيڪڙو آهن. دراصل قرض وٺڻ هن ملڪ جي حڪمرانن جو محبوب ۽ مرغوب مشغلو آهي. اهي قرض وري به عوام کي ڀرڻا پوندا آهن. هن وقت به اها حالت آهي، جو هن ملڪ ۾ پيدا ٿيندڙ ٻارڙو به لکين روپين جو مقروض هوندو آهي. اهي قرض ڪيئن ٿا استعمال ٿين، ان جو اندازو هن ڳالهه مان لڳائي سگهجي ٿو ته حڪمران نئون قرض کڻي قرض جون قسطون ڏيندا آهن.

اسان اڳ به هنن ئي ڪالمن ۾ اهو چوندا رهيا آهيون ۽ ان ڳالهه کي هتي وري ورجائڻ کي مهلائتو ٿا سمجهون ته پرڏيهي قرضن جي حصول کي پارليامينٽ جي اجازت سان مشروط ڪيو وڃي. حڪمران قرض حاصل ڪرڻ ۾ پاڻ وهيٽا نه هجڻ گهرجن، پر هتي ائين نٿو ٿئي. باقي جيتري قدر مٽا سٽا جي ناڻي جي ذخيرن جو تعلق آهي ته ان مان سڌي ريت عوام کي ڪو فائدو نه هوندو آهي، اهي ذخيرا ملڪ جي "اڪين جو ڏيءُ" هوندا آهن ۽ اهي قرض ڏيندڙ عالمي ادارن ۽ ملڪن کي اهو اطمينان ڏيارڻ لاءِ هوندا آهن ته انهن جي قرضن جي قسط جي ادائيگي وقت سر ٿي سگهندي. ٻيو ته اهو ناڻو امپورٽ تي خرچ ٿيندو آهي، جيڪا ايڪسپورٽ جي ڀيٽ ۾ تمام گهڻي آهي. هتي جي حڪمرانن هٿ وٺي هتي جي صنعتي انفرا اسٽرڪچر کي تباهه ڪري هن ملڪ کي ڪنزيومر معيشت تائين پهچائي ڇڏيو آهي. معاشي تباهيءَ جو هڪ سبب امپورٽ ۽ ايڪسپورٽ جو عدم توازن پڻ آهي. هڪ ته هتي نئون صنعتي انفرا اسٽرڪچر نه پيو لڳايو وڃي ۽ جيڪي صنعتون آهن، اهي به بجلي ۽ ٻيون شيون مهانگيون هجڻ سبب ٻاهر منتقل پيون ٿين. جيڪي صنعتڪار بچيا آهن، اهي به پنهنجي موڙي اسٽاڪ ايڪسچينج ۾ لڳائڻ کي اهميت ڏين ٿا. غير يقيني حالتن، امن امان ۽ ٻارڻ مهانگي هجڻ جي ڪري پرڏيهي سيڙپڪار اچڻ لاءِ تيار نه آهن. اهڙي صورتحال ۾ معيشت جي ٻيڙي پلا ڪيئن ترندي! ان ڪري ضرورت ان ڳالهه جي آهي ته، بهتر معاشي پاليسيون جوڙيون وڃن. امپورٽ گهٽائي، ايڪسپورٽ تي ڌيان ڏنو وڃي، چو ته ايڪسپورٽ جو واحد ذريعو ٽيڪسٽائل انڊسٽري به حڪمرانن تباهه ڪري ڇڏي آهي. اهو پڻ ضروري آهي ته پرڏيهي قرضن جي حصول کي پارليامينٽ جي اجازت سان مشروط ڪيو وڃي.

اَڃا تو منجهان، ڪَڪَ ڇُتي رتُ نڪري!
منهن ۾ محبوبن جا، ڪئن جَهلِيندي گهاءِ؟
سو تون ڪُڇاڙيا، سِڪَڻَ جون سَڌون ڪرين؟

پاڻ سيني جي "اُف_ طار پارٽي"

صاحب خان پنڊ

جڏهن جدلياتي فلسفو ۽ جمالياتي حُسن ملندا آهن ته جمهوري قدرن جي آبياري ٿيندي آهي. ائين ئي اسانجي ديس ۾ به جدليات ۽ جماليات جي ملڻ جي نتيجي ۾ ماڻهن جي بنيادي حقن جي حاصلات ۽ حفاظت لاءِ "اُف_ طار" پارٽي جو بنياد پيو. هن پارٽيءَ جو منشور ڪاٺ، پيٽ ۽ ڪارائڻ آهي. جڏهن ته پارٽي جي ٻه نقاطي ايجنڊا ۾ پهرين نقطو هاضمي جو جوڳو بندوبست ڪرڻ. جڏهن ته آخري نقطو ڪاٺي پي پيٽ ڦوڪجڻ جي نتيجي ۾ ڦاٽي مرڻ آهي. "اُف_ طار" پارٽيءَ کي سولي سنڌيءَ ۾ "اُف_ تار" يا "افطار پارٽي" پڻ سڏيو ويندو آهي. هيءَ پارٽي پنهنجي جوهر ۾ هڪ جمهوري ۽ سيڪيولر پارٽي آهي پر پنهنجي منشور جي گهڻي پاسداري ڪرڻ سبب جڏهن بدهضميءَ جو شڪار ٿيندي آهي ته پنهنجي "اُستاد" جي هنج ۾ ٿوري دير لاءِ ساهي پٽي سڪون اختيار ڪندي آهي. جڏهن ته استاد کيس ڪجهه وقت لاءِ مٿي تي هٿ گهمائيندي "بيٽا جمبورا .. بيٽا جمبورا" چئي ڪري کيس وندرائيندو رهندو آهي.

افطار پارٽيءَ جي هر گڏجاڻي، فنڪشن ۽ ڪنوينشن "اول طعام _ بعد ڪلام" جي سري هيٺ منعقد ڪيا ويندا آهن. جنهن سبب عام ماڻهو پنهنجا دائمي غم ۽ درد وساري پارٽيءَ جي برياني ونگ ۾ ڀرپور شرڪت ڪندا آهن. اهڙي طرح صنفِ نازڪ جي شموليت لاءِ پارٽيءَ پاران رنگ برنگي شربت ونگ، شاگردن لاءِ هنڌاٽا ونگ، وڪيلن لاءِ ڪيلا ونگ، مقامي صحافين لاءِ لفافا ونگ، اڌڙوٽ عمر وارن لاءِ فروٽ چاٽ ۽ يونيورسٽين جي پروفيسرن لاءِ پڪوڙا ونگ قائم ڪيل آهي. ائين ئي پارٽيءَ ۾ مختلف ونگون ۽ شاخون آهن. تنهنڪري هيءَ پارٽي تنهنجي، منهنجي ۽ اسان سڀني جي پارٽي آهي.

مجموعي طور تي افطار پارٽيءَ جون سرگرميون ته سڄو سال هلنديون آهن پر نگران حڪومت جي دور ۾ پارٽيءَ جي سرگرمين ۾ تيزي اچي ويندي آهي، خاص طور تي هن مهانگائيءَ واري دور ۾ ميمبر سازيءَ جي مهم هلائي ويندي آهي. جڏهن ته نگران سيٽ اپ ۾ صرف طعام ئي طعام جون ڳالهيون هونديون آهن ۽ ڪلام ته ڪڏهن ڪڏهن پيو ٿيندو آهي. ميمبر سازيءَ جي مهم توڙي پارٽيءَ جي مختلف سرگرمين ۾ ماڻهن جي وڏي انگ کي گڏ ڪرڻ ۾ مهارت رکندڙ چاچي رمضان کي پارٽيءَ جو بوسڪيءَ جو صدارتي پٽڪو پارايو ويندو آهي. چاچو رمضان پاڻ سان گڏ پارٽيءَ جي ليبر ونگ جي سرگرم ڪارڪنن اڄر، سومر ۽ خميسي کي ساڻ ڪري هر محلي، هر چونڪ، چارهٽي، چوڏڳي، پنج گُلي، پنج هٽي تي وڃي ڪري بينر ٽنگي ۽ لائوڊ اسپيڪر تي پارٽيءَ جي ميمبر سازي مهم هلائيندا آهن. ميمبر سازيءَ جي مهم مڪمل ٿيڻ بعد پارٽيءَ اندر جيئن ئي اليڪشن مهم جي شروعات ڪئي ويندي آهي ته عبوري صدر چاچو رمضان ڪنڊ وٺي روئڻ شروع ڪندو آهي.

افطار پارٽيءَ اندر ڪجهه سياسي جوڙ توڙ جا ماهر جج صاحبان پڻ اعزازي ميمبر طور کنيا ويندا آهن. جيڪي موقعي جي مناسبت سان وقت اچڻ تي اهڙي ته "اندرين" انگڙي هڻندا آهن. جو اليڪشني ملاکڙي جو پاسو ئي متجي ويندو آهي. اهڙين اندرين هڻڻ تي انهن جج صاحبان کي ڀرپور نموني نوازيو ويندو آهي. افطار پارٽيءَ جي هفتيوار دستوري گڏجاڻي هر هفتي شام جو منعقد ڪئي ويندي آهي. جنهن ۾ "ڪور ڪاميٽي" عرف "ڪُور ڪُور ڪاميٽيءَ" جا ميمبر پنهنجون نيون سياسي صنفون پيش ڪندا آهن. جن ۾ مضمون، مقالا، خاڪا، نظم، غزل، نثري ۽ آزاد نظم شامل هوندا آهن. جنهن جو مکيه مقصد پارٽيءَ جي مضبوطي ۽ اندروني سڌارو هوندو آهي.

"اُف_ طار" پارٽيءَ ۾ عهدي حاصل ڪرڻ لاءِ سياسي وهڪري جو تارو هجڻ يا ڪنهن جي اک جو تارو هجڻ ضروري آهي. جيئن هر مشڪل ۾ تارهٽي پارٽي سوپارو ٿئي. اهو ئي هن پارٽيءَ جو عهديدار ٿي سگهي ٿو هن پارٽيءَ ۾ صنفِ نازڪ جي عهدن لاءِ ڪجهه مخصوص سيٽون آهن. جنهن ۾ لازم آهي ته انهن جا مُڙس هن پارٽيءَ جا ميمبر نه هجن. چو ته هن پارٽيءَ ۾ خانداني سياست جي ڪا به گنجائش ناهي. هن پارٽيءَ اندر پيار ڪرڻ تي ڪا به پابندي ناهي. باقي پارٽيءَ کان ٻاهر واسطا وڌائڻ تي گرا ڏنڊ هڻي ان وقت ئي فارغ ڪرڻ جا ڪيترائي آئيني آپشن شامل آهن.

جنهن جو اختيار پارٽيءَ جي چيئرمين وٽ هر وقت محفوظ آهي. هن وقت افطار پارٽيءَ کي ٻاهرين قوت ۽ سنڌس ڪٽر مخالف سياسي پارٽي "عيد ملن" پارٽيءَ کان وڏ ۾ وڏو خطرو آهي، جنهن جي جوڳي بندوبست ڪرڻ لاءِ آل پارٽيز ڪانفرنس ڪوٺائي هڪ ڪنڌ ڏڪٽي ڪاميٽيءَ (رحمت مايوئيءَ جو ايجاد ڪيل اصطلاح) جو بنياد وڌو ويو آهي، جيڪا ڪهڙي مهل به چنڊ اُڀري يا نه اڀرڻ جو اعلان ڪري افطار پارٽيءَ جو خاتمو آڻي سگهي ٿي، پر افطار پارٽي ماضيءَ جيان پنهنجا ٽالا مٽائي هميشه عوام جي دلين ۾ رهندڙ پارٽي آهي، چو ته هيءَ پارٽي ڪنهن فرد واحد جي پارٽي ناهي. جڏهن ته واندو واحد بخش به هاڻي هن پارٽيءَ جو عهديدار ٿيو آهي. نه ته ان کان اڳ ان جي پنهنجي پارٽي هئي "ويلا ٽارنگ پارٽي". ان مان عوام ۽ خاص طور تي پاڙيسرين جي بيزاريءَ کان پوءِ هن ٻي پارٽيءَ ۾ شموليت اختيار ڪئي. جنهن جو نالو هو "پٽ پٽارو" پارٽي. هاڻي هو هن پارٽيءَ ۾ آهي ۽ ڪيڏي مهل به کيس ڪنڌ ڏڪٽي ڪاميٽي فارغ ڪري سگهي ٿي. ان ڪري واحد بخش جي ويڳاڻپ تي يقين رکندڙ پارٽي ڪارڪنن کي سمجهڻ گهرجي ته هي پارٽي تنهنجي، منهنجي ۽ اسان سڀني جي پارٽي آهي.

بقايا 01

ويو. اسان عوام جي خدمت ڪئي. مقصد اسان کي ڪمزور ڪرڻ هو. اڄ مون کي جيڪا پوزيشن آهي اها اوهان جي خدمت جي ڪري آهي. هن چيو ته عمران خان چاهي جيترو به ڏک هڻي. 14 مئي تي چونڊون نه ٿينديون. چونڊون گڏجي ٿينديون ۽ هن سال ۾ مقرر وقت تي ٿينديون. هن چيو ته 4 سالن ۾ جيڪو ٿيو اوهان جي سامهون آهي. 50 ڪروڙ نوڪريون ڪٿي آهن؟ ڪو به گهر نظر نه پيو اچي. چيو ويو ته 50 لک گهر ناهيا ويندا. گهرو وزير چيو ته نواز شريف چونڊون شروع ٿيندي ئي پاڪستان واپس ايندو. هن چيو ته فتني جي غلط پاليسين سبب ملڪ بحرانن جو شڪار آهي. هي فتنا هڪ سازش ذريعي مسلط ڪيو ويو.

بقايا 02

عام چونڊن جي تاريخ طئي ڪرڻ بابت آهي. جماعت اسلامي چاهي ٿي ته حڪومت ۽ مخالف ڌر چونڊن لاءِ هڪ تاريخ تي اتفاق ڪن. ذريعن جو چوڻ آهي ته اي پي سي ۾ حڪومت کي آڪٽوبر کان اڳ پي ٽي آءِ کي مئي ڪانپوءِ چونڊن لاءِ راضي ڪرڻ لاءِ ڪوشش ڪئي ويندي. ذريعن موجب پاڪستان مسلم ليگ نون مان سعد رفيق ۽ اياز صادق کي جماعت اسلامي سان معاملا اڳتي وڌائڻ جو گرين سگنل مليو آهي جنهن ڪانپوءِ جماعت اسلامي جا پي ٽي آءِ ن ليگ پاران نامزد وفدن سان وڌيڪ ڳالهين جو امڪان آهي. ٻئي پاسي جماعت اسلامي جي امير سراج الحق چيو آهي ته چونڊن جا مسئلا سپريم ڪورٽ حل ڪري سگهي ٿي نه اسٽيبلشمينٽ تنهنڪري ٻنهي ادارن کي ان معاملن ۾ اڻ ڌريو رهڻ گهرجي. نجي ٽي وي چئنل سان ڳالهائيندي جماعت اسلامي جي امير چيو ته تمام زهريلي پولرائيزيشن آهي ۽ ويڇا وڌي ويا آهن. اهڙين حالتن ۾ هاڪاري اڳيرائي اها ٿي سگهي ته چونڊون ٿين. اليڪشن تي اسان سڀني کي اتفاق هئڻ گهرجي. هن چيو ته رڳو پنجاب ۽ ڪي پي ۾ چونڊن سان مسئلا حل نه ٿيندا. مرڪز ۽ چئني صوبن ۾ چونڊون ٿيڻ گهرجن. صوبن ۾ نگران حڪومتون قائم ڪيون وڃن. اسان چونڊن لاءِ هاڪاري ڊائيلاگ چاهيون ٿا. سنڌس چوڻ هو ته سپريم ڪورٽ سياستدانن کي موقعو ڏئي ته هو پنهنجا مسئلا حل ڪن. سپريم ڪورٽ جا جج هڪ پيج تي ناهن.

بقايا 03

گورنر اليون ۽ لياري اليون وچ ۾ ميچ منعقد ڪندو ۽ پاڻ ڪيڏندو. ڪامران ٽيسوري چيو ته لياري جي سمورن گرائونڊز کي بهتر ڪرڻ منهنجي ذميواري آهي. گورنر سنڌ چيو ته انجنيئرز هن شهر کي درست بڻائڻ لاءِ پنهنجو ڪردار ادا ڪن. هن وڌيڪ چيو ته هو بيهر درخواست ڪندو ته گهٽ ۾ گهٽ پگهار وڌائي 50 هزار رپيا ڪئي وڃي. ان کان علاوه گورنر سنڌ به سحري جي لاءِ گلشن معمار پهتو ۽ وفاقي وزير مفتي عبدالشڪور جي لاڏاڻي تي گهري ڏک ۽ مغفرت جي دعا به ڪئي.

بقايا 04

بي بنياد آهي. هڪ انٽرويو ۾ شاهه محمود قريشي جو چوڻ هو ته پاڪستاني طالبان کي واپس آڻڻو هو. ان ڪري ڪين قومي ڌارا ۾ آڻڻ جو فيصلو ڪيو ويو آهي. هن چيو ته طالبان کي قومي ڌارا ۾ آڻڻ لاءِ شرطون لاڳايون ويون. طالبان کي پاڪستان جي آئين کي مڃڻو پوندو. افغانستان مان هٿيار نه آڻڻا پوندا. ڪين هتي اچي امن سان رهڻو آهي. انهن جي بحاليءَ تي بريفنگ ڏني وئي. اها ڳالهه قومي اسيمبلي جي ان ڪئميرا اجلاس ۾ ڪئي وئي. شاهه محمود قريشي جو چوڻ آهي ته بريفنگ ۾ شهباز شريف، بلاول ڀٽو، آرمي چيف، ڊي جي آءِ ايس آءِ سميت سمورا اعتراض اٿاري رهيا هئا. بريفنگ ڪانپوءِ فيصلو ڪيو ويو ته اڳتي هلي ايڪشن پلان ڪرڻو پوندو، پوءِ ان تي عمل ڪرڻو پوندو اسان جي حڪومت هلي وئي. اسان جي وڃڻ ڪانپوءِ جيڪا حڪومت آئي اها ذميوار آهي هن چيو ته پي ٽي آءِ جي دور حڪومت ۾ دهشتگردي جا واقعا آهستي آهستي گهٽ ٿيا. گذريل هڪ سال ۾ دهشتگردي جا واقعا وڌيا، اسان ذميوار ڪيئن ٿي سگهون؟ ڇا اسان ان ڳالهه جي نشاندهي نه ڪئي هئي جڏهن ماڻهو سوات ۾ اچڻ شروع ٿيا هئا؟ پي ٽي آءِ اڳواڻ چيو ته مراد سعيد ۽ اسان جي ٻين ماڻهن اتي ماڻهن کي متحرڪ نه ڪيو؟ ڇا رانا ثناءُ الله اهو بيان نه ڏنو هو ته هتي ٻاهران ڪو ماڻهو نه آيو آهي؟ هاڻي سمورين ذميوارين پوئتي هٽڻ سان ڪا به سياسي پارٽي اڪيلي سر فيصلو نٿي ڪري سگهي. سنڌس چوڻ آهي ته اسان کي حقيقتن کي تسليم ڪندي اڳتي وڌڻو آهي. دهشتگردي هڪ لعنت آهي، ان جو گڏجي مقابلو ڪرڻو پوندو. نيشنل ايڪشن پلان ناهيو ويو ان تي عمل ٿيڻ گهرجي. شاهه محمود قريشي چيو ته آصف زرداري جي ٻڌايل ڪهاڻي جا ڪردار سائنس گڏ ويٺا هئا. جن مٿس ڪيس ڪيا، انهن جون زبانون ڪٽيون، اهي ن ليگ جا هئا. اسان ڪڏهن به ڳالهائڻ کان انڪار نه ڪيو. پر حڪومت پاڻ ئي ڪٽي وئي. اڳوات ها، جيڪڏهن توهان ڳالهين چاهيو ٿا ته پوءِ ٻڌايو ته ان جو ايجنڊا ڇا هوندو. آصف زرداري چيو ته ڳالهه ٻولهه غير مشروط هجڻ گهرجي. خوش آئند آهي. اڳوڻي پرڏيهي وزير جو چوڻ آهي ته ملڪ کي انتشار مان ڪيئن لاءِ ٻهرين ضرورت نئين چونڊون آهن. آصف زرداري جو چوڻ آهي ته اعتراض اليڪشن تي نه پر ٽائمنگ تي آهي، اليڪشن جو ٽائيم توهان جي وس ۾ ناهي، ٻه اسيمبليون آئين ٽوڙيو ويو. 90 ڏينهن اندر چونڊون ٿينديون آهن. وقت جو فيصلو آصف زرداريءَ کي ڪرڻو آهي. نه ته شهباز شريف ۽ نه ئي آءِ جي، بلوچستان، سنڌ ۽ قومي اسيمبليءَ جي چونڊن تي ڳالهه ٻولهه ٿي سگهي ٿي. جڏهن ته اسان چونڊن تي متفق ٿي سگهون ٿا. اسان کي ڪو اعتراض ناهي. اسان ڳالهائڻ لاءِ تيار آهيون پي ٽي آءِ اڳواڻ چيو ته پنجاب ۽ ڪي پي ڪي ۾ چونڊون آئيني بند آهن. وڪيلن جي ڪانفرنس ۾ 90 ڏينهن ۾ ٿيل چونڊن تي به رايا نه هئا. پيپلزپارٽي پاران ڪرايل ڪانفرنس ۾ ڪنهن به چونڊن تي اعتراض نه ڪيو 90 ڏينهن گذري ويا. آصف زرداري انهن کان هدايت چو نه ٿو وٺي، طارق رحيم، لطيف کوسا، رضا رباني کان هدايت وٺي. ڳالهين لاءِ پيرا ميٽر مقرر ڪرڻا پون ٿا. هڪ طرف ڳالهين جي ڳالهه ڪري رهيا آهن ته ٻئي طرف انتقام وٺي رهيا آهن. شاهه محمود قريشي جو چوڻ آهي ته علي زيدي ۽ ڪي پي ڪي جو سيڪريٽري جنرل علي امين گنڊاپور گرفتار آهن. روز پيشي تي اچي رهيو آهيان. عمران خان خلاف نوان ڪيس ناهيا پيا وڃن. ڳالهين لاءِ ماحول پيدا ڪرڻو پوندو. هي انتقامي ڪارروائي آهي. هنن کي ڳالهين جو ڪو به ارادو ناهي. اهي ڪجهه چئي رهيا آهن ۽ ڪجهه ڪري رهيا آهن. اهي آئين جي ڀڃڪڙي ڪري رهيا آهن، اهي سپريم ڪورٽ کي ورهائڻ جي ڪوشش ڪري رهيا آهن. اهي عدالت جي توهين ڪري رهيا آهن. هو ملڪ ۾ انتشار آڻي رهيا آهن. مون کي ڌمڪيون پيون وڃي، اڳوڻي پرڏيهي وزير چيو ته ملڪي معيشت بيهوش ٿي وئي آهي. آءِ ايم ايف پروگرام ڦاسي پيو آهي. صنعتون بند ٿي رهيون آهن. اسان ڳالهين کان انڪار نٿا ڪريون، ٻهرين پنهنجون صفون سڌيون ڪن. فضل الرحمان ڳالهيون نه ٿو چاهي. ن ليگ جو هڪ آهي. ڏاڍيل نٿا چاهيون. ٻهريان پنهنجو گهر ٺيڪ ڪريو پوءِ اسان سان رابطو ڪريو. آرمي چيف چيو آهي ته 2 شيون ترجيح آهن. چونڊيل نمائندن جي راءِ ۽ پاڪستان جو آئين. اسان ٻنهي تي متفق آهيون. جٽي رهيا آهيون آئين جو احترام ڪريو هن وڌيڪ چيو ته آئين چوي ٿو ته 90 ڏينهن اندر چونڊون ڪرايون. توهان آئين چونه ڪيو عوام جي راءِ تڏهن ٿي معلوم ٿيندي جڏهن توهان عوام وٽ ويندا. انهن ۾ ايتري همت ناهي جو 90 ڏينهن اندر چونڊون ڪرايون. اسان جو نوٽيفڪيشن معطل آهي، ڪيس عدالت ۾ آهي، منهن ڏيڻ جي جرئت ناهي جيڪڏهن توهان انهن ڳالهين تي بحث ڪرڻ چاهيو ٿا ته سڄي پارليامينٽ ۾ ويهي، ڳالهه ٻولهه آئين جي دائري ۾ ٿيندي. ان لاءِ تيار آهيون. شاهه محمود قريشي جو اهو به چوڻ آهي ته ڪيس وقت جي حڪومت ۽ عوام جي سهڪار جي ضرورت آهي. جيڪا اسان ڏيڻ لاءِ تيار آهيون، هن آپريشن جي ڳالهه ڪئي، علي وزير، محسن داوڙ، مولانا فضل الرحمان کي يقين ڏيارايو ته آپريشن لاءِ سنڌن صفن ۾ هڪ به شئي نه هئي.

بقايا 05

ترجمان پاران ردعمل جو اظهار ڪيو ويو آهي. ترجمان جو چوڻ آهي ته ستيه پال ملڪ جي پلواما حملي واري بيان پاڪستاني موقف جي تصديق ڪئي آهي. پلواما حملي بابت تازا ترين انڪشاف پاڪستاني موقف جي حمايت ڪن ٿا. پرڏيهي آفيس جو چوڻ آهي ته ڀارت، پاڪستان تي دهشتگردي جي الزام ذريعي پنهنجي شرمناڪ بيانيي ۽ سياسي ايجنڊا کي هٿي ڏيندو رهيو آهي. ترجمان چيو ته اميد آهي ته عالمي برادري تازن انڪشافن ۽ پاڪستان خلاف ڪوڙ ۽ فريب تي ٻڌل ڀارتي پروپيگنڊا مهم جو نوٽيس وٺندي. پرڏيهي آفيس جي ترجمان چيو ته تازن انڪشافن ۾ اٿاريل سوالن جو جواب ڏيڻ گهرجي. ڀارت کي پلواما حملي ڪانپوءِ علائقائي امن متاثر ڪرڻ وارن قدمن لاءِ جوابده قرار ڏنو وڃي. پاڪستان، ڀارت جي ڪوڙي ۽ ڇڙ ڏياريندڙ بيانيي خلاف مضبوطي ۽ ذميواري سان ڪم ڪندو رهندو. ياد رهي ته ڪجهه ڏينهن اڳ والاريل ڪشمير جي اڳوڻي گورنر ستيه پال ملڪ انڪشاف ڪيا هئا ته ڀارتي وزيراعظم نريندر مودي کي پلواما حملي جي اڳوات ڄاڻ هئي، هن ڄاڻي واڻي ڀارتي فوجين کي مرڻ ڏنو.

بقايا 06

. هڪ بيان ۾ اڳوڻي آمريڪي نمائندي زلمي خليل زاد چيو ته پاڪستان جي "مسٽر 10 پرسنٽ" کي جواب ڏئي رهيو آهيان. پاڪستان جي بحران تي ڳڻتي جو اظهار ڪيو آهي جيڪو شدت اختيار ڪري رهيو آهي. هن چيو ته عام ماڻهو پرڏيهه ۾ پوش گهرن جا مالڪ ناهن جتي هو ڀڄي وڃن. ان کان اڳ صدر آصف علي زرداري حامد مير کي انٽرويو ۾ چيو هو ته زلمي خليل زاد پگهاردار ماڻهو آهي. ڪيس ڪنهن لابي ايروچ ڪيو ويندو تڏهن هو عمران خان جي حمايت ڪري رهيو آهي.

بقايا 07

رپيا شامل آهن. آبپاشي واري وزارت کي 30 ارب، مواصلات واري وزارت کي 22 ارب، هائر ايجوڪيشن ڪميشن کي 7 ارب، هائوسنگ اينڊ ورڪس کي 4 ارب، ريلوي وزارت کي اٺ ارب جڏهن ته توانائي واري وزارت کي 5 ارب رپيا جاري ڪرڻ جي منظوري ڏني وئي آهي. ترقي ۽ رٿابندي واري وزارت طرفان جاري ڪيل پڌرائي موجب آخري ٽي ماهي لاءِ جاري ڪيل 129 ارب رپين ڪانپوءِ مجموعي ترقياتي بجيٽ 600 ارب رپيا ٿي وئي آهي. پڌرائي ۾ چيو ويو آهي ته هلندڙ سال ترقياتي بجيٽ ۾ گذريل سال جي 550 ارب رپين جي ڀيٽ ۾ 50 ارب رپيا وڌيڪ جاري ڪيا ويا. ملڪ ۾ جاري معاشي بحران باوجود رٿابندي واري وزارت جوئين ته ماهي جي رليز کي يقيني بڻايو.

بقايا 08

وزير جي هدايتن تي ڪنيا پيا وڃن. صوبائي وزير ناصر شاهه چيو ته بچت بازارن ذريعي سستيون شيون عوام کي فراهم ڪرڻ به پ پ جي چيئرمين جي هدايتن موجب آهي جڏهن ته حڪومت طرفان ناجائز منافعي خورن ۽ ذخيرو ڪندڙن خلاف ڪريڪ ڊائون جاري آهي. هن چيو ته ذخيرو ڪندڙ ۽ ناجائز منافعي خور معاشري جو ناسور آهن. عوام کي لٽيندڙن کي سزائون، ڏنڊ ۽ ڪيس داخل ڪيا پيا وڃن ٻئي پاسي سنڌ جي مڪاني ادارن واري وزير سيد ناصر حسين شاهه چيو آهي ته گذريل ڪجهه ڏينهن ۾ نيو ڪراچي انڊسٽريل ايريا ۾ فيڪٽري جي عمارت ڊهي وڃڻ سبب باهه لڳڻ واري واقعي ۾ شهيد ٿيندڙ سمورن فائر فائٽرز جي وارثن کي 50 / 50 لک ، هڪ هڪ سرڪاري نوڪري ۽ بيواهن کي سڄي حياتي پوريون پگهارون ادا ڪيون وينديون. جڏهن ته واقعي ۾ زخمي ٿيل فائر فائٽرز کي علاج جون هر ممڪن سهولتون فراهم ڪيون وينديون. جنهن جا سمورا خرچ سنڌ حڪومت برداشت ڪندي ۽ مالي مدد پڻ ڪندي. اهڙن خيالن جو اظهار هن شهيدن جي گهرن ڏانهن وڃي تعزيت ۽ زخمين جي عيادت جي موقعي تي ڪيو ان موقعي تي وڏي وزير جو ڪوآرڊينيٽر شهزاد ميمڻ ۽ ميونسپل ڪمشنر ڪي ايم سي سيد شجاعت حسين به گڏ هئا. ان موقعي تي هن متاثر خاندانن سان دلي تعزيت ۽ دلي ڏک جو اظهار ڪندي چيو ته افسوسناڪ واقعو پيش آيو آهي. سنڌ حڪومت شهيد ٿيندڙن ۽ زخمين جي وارثن سان ڏک جي هن گهڙي ۾ برابر جا شريڪ آهن. سيد ناصر حسين شاهه چيو ته چيئرمين بلاول ڀٽو زرداري ۽ سنڌ جي وڏي وزير جي خاص هدايتن تي متاثر خاندانن سان همدردي ڪرڻ آيو آهيان. ڪنهن به جان جو نعمل بدل نه ٿو ٿي سگهي، پر شهيد فائر فائٽرز جي خاندانن کي اڪيلو نه ڇڏينداسين. سنڌن ڀرپور مدد ڪنداسين هن چيو ته بلاول ڀٽو جي خاص هدايتون آهن ته شهيد اهلڪارن جي خاندانن جي لاءِ هر ممڪن قدم کنيا وڃن ۽ انهن جي مدد ڪئي وڃي. مڪاني ادارن واري صوبائي وزير چيو ته قيمتي جانين جي ضايع ٿيڻ تي افسوس آهي، اهڙن حادثن کان فائر فائٽرز لاءِ فوري طور تي قدم کڻڻ جي ضرورت آهي. سيد ناصر حسين شاهه لاڳاپيل آفيسرن کي هدايت ڪئي ته سمورن فائر اسٽيشنن تي حفاظتي سامان جي موجودگي کي يقيني بڻايو وڃي ۽ جيڪا به ڪوت آهي ان کي ختم ڪيو وڃي. فائر برگيڊ جي اداري کي جديد ٽيڪنالاجي مهيا ڪئي وڃي. فرض شناسيءَ دوران شهيد ٿيندڙ فائر فائٽرز قومي هيروز آهن. جيڪي پنهنجي جان جي پرواهه نه ڪندي ٻين جي جان ۽ مال جي حفاظت لاءِ پنهنجي جانين جي پرواهه نه ڪندا آهن. اسين شهيد فائر فائٽرز کي خراج عقيدت ۽ زخمي فائر فائٽرز کي خراج تحسين پيش ڪريون ٿا.

بقايا 09

ڪيو ويو آهي. پي ٽي آءِ اڳواڻ کي 20 اپريل تي سائبر ڪرائيم ونگ ۾ طلب ڪيو ويو آهي. نوٽيس جي متن موجب شانداله گلزار پيش ٿي سائبر ڪرائيم ونگ کي پنهنجو بيان رڪارڊ ڪرائي.

بقايا 10

. نوٽيفڪيشن موجب، گاسليٽ جي اگهه ۾ به 5 رپيا 78 پيسا في لٽر اضافو ڪيو پيٽروليم شين جا نوان اگهه رات ٻارهين وڳي کان لاڳو ٿي ويا آهن.

بقايا 11

آهي. اهڙن خيالن جو اظهار هن عيدگاهه گرائونڊ شاهه فيصل ڪالوني ۾ لڳايل بچت بازار ۽ شاهه فيصل ڪالوني جي مين بازار جو تفصيلي دورو ڪندي ڪيو. دوري جي موقعي تي سنڌ جي وڏي وزير جي خاص مددگار محمد طارق حسن لڳايل مختلف اسٽالن جو دورو ڪيو. بچت بازار ۾ لڳايل ڪاڌي پيتي جي شين جي قيمتن ۽ معيار جو جائزو ورتو محمد طارق حسن عوام سان ڳالهايو ۽ عوام کان ڪاڌي پيتي جي شين جي معيار ۽ قيمتن بابت ڄاڻ حاصل ڪئي. جنهن تي عوام سنڌ حڪومت جي هن عوام دوست قدم کي ساراهيو ان موقعي تي پاڪستان مسلم ليگ قائداعظم سنڌ جو جنرل سيڪريٽري ڪنور ارشد علي خان، ڪراچي صدر حاجي جميل احمد خان، سنڌ جو صوبائي سيڪريٽري نشر واشاعت صادق شيخ، ناليوارو انسان دوست احمد حسن ۽ سنڌ جو اڀرندڙ نوجوان ويٽ لفٽر حماد حسن پڻ موجود هئا ۽ ٻيا اڳواڻ به موجود هئا.. سنڌ جي آرڪائيوز کاتي بابت سنڌ جي وڏي وزير جي خاص مددگار محمد طارق حسن چيو ته دڪاندار زندگي جي ضرورت جو سامان معياري ۽ سرڪاري اگهه تي وڪرو ڪن ۽ اڳيان سرڪاري قيمتن جي لسٽ اڳيان لڳائي وڃي. بچت بازارون لڳائڻ جو مقصد عوام کي رليف فراهم ڪرڻ آهي. هن وڌيڪ چيو ته سنڌ جي وڏي وزير جي هدايت تي سنڌ ڪابينا جا ميمبر ۽ اسيمبلي ميمبر بچت بازارن جا دورا ڪري رهيا آهن ته جيئن منافعي خورن جي حوصلا شڪني ٿئي. هن چيو ته اسين اهڙي ريت بازارن ۽ مارڪيٽن جو پابندي سان معائنو ڪندا رهنداسين ته جيئن مهانگائي ۽ ذخيره اندوزي جو خاتمو ٿئي. سنڌ حڪومت عوام کي رليف ڏيڻ لاءِ ڏينهن رات مصروف آهي.

بقايا 12

سنڌ جي آبادي جو اڌ ٿي ويندي ڪراچي ۾ پريس ڪانفرنس ڪندي حافظ نعيم الرحمان چيو ته ڪراچي ۾ آدمشماري صحيح نموني نه ٿي آهي. ڪين ڄاڻڻ گهرجي ته ڳڻپ ڪيئن ٿيندي آهي حافظ نعيم الرحمان چيو ته عمران خان ڪابينا جعلي آدم شماري جي منظوري ڏني، شهباز شريف ۽ احسن اقبال کي ٻڌايو وڃي ته ڪراچي ۾ دشمني چو آهي. اهي ڪراچي اچن ٿا ۽ پنهنجي پسند جي پارٽي سان گڏ هليا وڃن ٿا. ڪراچي کي تباهه ڪيو آهي. اسان نه آهيون. حڪومت کان ڪو خيرات گهري ته اسان کي رڳو ڳڻپ ڪرڻ گهرجي. شهر ۾ سنڌي، پنجابي، پٺاڻ، برمي جو حساب ٿيڻ گهرجي. اڌ سنڌ کي ڪيئن نظرانداز ڪيو پيو وڃي. جماعت اسلامي ڪراچي جي امير چيو ته سنڌ جي گورنر احسن اقبال کي خط لکيو آهي. ڪيس پنهنجي موقف موجب وڌيڪ سنجيده ڪوششون ڪرڻيون پونديون. ڪراچي ڪو بيت ناهي. ڪراچي ڳالهائيندو ۽ پنهنجا حق وٺندو. جيڪڏهن ايم ڪيو ايم ۾ آهي حڪومت، پوءِ مردم شماري ٿيندي. ايس او پيز ۾ سنڌس ڪردار ڇا آهي، سياسي انتقام نه هئڻ گهرجي. علي زيدي جي گرفتاري جي مذمت ڪريان ٿو هن چيو ته هي ماڻهو ڪراچي کي ڳوٺ بڻائڻ چاهين ٿا. ٻهريان تڪ بنديون ۾ مسئلا پيدا ڪن ٿا. پوءِ اهي نتيجا ڏين ٿا جيڪي چاهين ٿا، پارٽين سيٽن تي چونڊون ٿي رهيون آهن. اسان اهي سيٽون ڪٽينداسين، اسان انهن سيٽن تي به وڙهنداسين، جتي اليڪشن ٿيندي، نوٽيفڪيشن جاري ڪيو ويو آهي.

بقايا 13

منتقل ڪيو ويو پر حياتي ساٿ نه ڏئي سگهي. مذهبي معاملن واري وفاقي وزير جي لاڏاڻي جو اطلاع ملندي آءِ جي اسلام آباد پوليس کان سواءِ اطلاعات ۽ نشريات واري وفاقي وزير مريم اورنگزيب، مواصلات وارو وفاقي وزير مولانا اسد محمود ۽ ٻيا وفاقي وزير پولي ڪلينڪ اسپتال پهچي ويا. پوليس موجب، گاڏيءَ ۾ 5 ڄڻا سوار هئا جن وفاقي وزير جي ڪار کي ٽڪرهنيو جن کي گرفتار ڪري اڳتي هنڌ منتقل ڪيو ويو ٻئي پاسي وزيراعظم شهباز شريف مفتي عبدالشڪور جي لاڏاڻي تي گهري ڏک ۽ افسوس جو اظهار ڪندي سنڌس گهرڀاتين ۽ سمورن سوڳوار پونئيرن سان دلي تعزيت ۽ همدردي جو اظهار ڪيو. هڪ بيان ۾ شهباز شريف چيو ته مفتي عبدالشڪور هڪ نظرياتي سياسي ڪارڪن ۽ سٺو انسان هو. اڳوڻي صدر آصف علي زرداري ۽ پرڏيهي وزير بلاول ڀٽو زرداري به مفتي عبدالشڪور جي لاڏاڻي تي ڏک ۽ افسوس جو اظهار ڪيو. ٻئي پاسي وفاقي وزير مفتي عبدالشڪور جي گاڏي جي حادثي بابت پوليس شروعاتي جاچ رپورٽ تيار ڪري ورتي آهي. ذريعن موجب ويگو گاڏي پولٽري بزنس سان لاڳاپيل شخصيت جي اسڪواڊ ۾ شامل هئي. منتي عبدالشڪور جي گاڏي سان ٽڪرائڻ واري گاڏي جي رفتار 110 ڪلوميٽر هئي. حادثي وقت منتي عبدالشڪور جي گاڏي جي رفتار 30 ڪلوميٽر هئي. موٽر وهيڪل ايگزامنر رپورٽ موجب شاهراهه دستور تي واقعي واري هنڌ تي گاڏي جي رفتار جي حد 60 ڪلوميٽر في ڪلاڪ مقرر آهي، ٽڪر هڻندڙ گاڏي ۾ ڪا ٽيڪنيڪي خرابي نه هئي، حادثي سبب منتي عبدالشڪور جي گاڏي جو ٽائر ۽ ايڪسل الڳ ٿي ويو رپورٽ موجب شاهراهه دستور تي واقعي واري هنڌ تي ان وقت ٽريفڪ سگنلز فري هئا.

بقايا 14

ڪرائي ورتو آهي. ايس ايس پي پوليس عمران خان موجب ڌاڙيلن ٻن نوجوان فرمان ميراڻي ۽ سعيد ڀٽي کي فيس بڪ ذريعي رابطو ڪري ڪشمور ۾ ميلي ۾ ٽڪ ٽاڪ ناهڻ لاءِ گهرايو هو ٻن ويگنن تي سوار ٿي لاڙڪاڻي کان ڪنڌڪوٽ پهتل نوجوانن کي ڌاڙيلن اغوا ڪري ڪچي ۾ رکيو ۽ مٿن تشدد ڪري هڪ وڊيو سوشل ميڊيا تي وائرل ڪئي جنهن ۾ سنڌن وارثن کان 25 لک رپيا ڀنگ طلب ڪيو ويو هو.

بقايا 15

قيمت 229 رپيا في ڪلو بدران ملڪ جي سمورن شهرن ۾ ايل پي جي جي قيمت 310 رپيا في ڪلو تائين پهچي وئي آهي. جابلو ۽ ڏورانهين علائقن ۾ في ڪلو ايل پي جي 330 رپيا جڏهن ته گلگت بلتستان ۾ 360 رپيا في ڪلو وڪامجي رهي آهي.

بقايا 16

ڊويزن سيڪريٽري، چيف سيڪريٽري، آءِ جي پنجاب، اينٽي ڪرپشن، نيب، ايف آءِ اي، وزيراعظم، پيمرا ۽ اليڪشن ڪميشن کي ڌر بڻايو ويو آهي. عمران خان پاران درخواست ۾ موقف اختيار ڪيو ويو آهي ته ملڪ ۾ مون مٿان 121 ڪيس داخل ڪيا ويا آهن. ڄاڻايل ڪيس، ڪوئيٽا، ڪراچي، اسلام آباد ۽ لاهور ۾ داخل ڪيا ويا آهن تحريڪ انصاف جي سپورٽرن کي نظربند ۽ گرفتار ڪيو پيو وڃي، نگران صوبائي حڪومت طرفان انتقامي ڪارروائيون ڪيون وڃن آهن درخواست ۾ گذارش ڪئي وئي آهي ته درخواست تي فيصلي تائين عدالت داخل ڪيسن ۾ ڪارروائي روڪڻ جو حڪم جاري ڪري، ٻهريان کان داخل ڪيسن ۾ تاديبي ڪارروائي کان روڪيو وڃي. جڏهن ته عدالت نوٽيس ڪانسواءِ فوجداري ڪارروائي ڪرڻ کان روڪڻ جو حڪم جاري ڪري.

بقايا 17

ويندي. نمائندي موجب هي سفر اميگريشن جي عمل سميت تقريبن 38 ڪلاڪن جو هوندو، مسافر سوسٽ باردر تي هڪ رات ترسندا. ان جو ڪرايو 60 هزار رپيا هوندو.

بقايا 18

ڄڻا مارجي ويا. پرڏيهي ميڊيا موجب سوڊان جي پيرا ملٽري فورس جي سربراهه محمد حمدان دگالو دعويٰ ڪئي آهي ته خرطوم جي ڪيترن ئي سرڪاري هنڌن تي هنن جي گروپ قبضو ڪري ورتو آهي. ٻي پاسي ملڪ جي فوجي اڳواڻ عبدالفتاح البرهان دگالو جي دعويٰ کي رد ڪندي چيو آهي ته فوج سرڪاري هنڌن تي ڪنٽرول برقرار رکيو آهي. جهڙپن سبب سوڊان جي راڄڌاني خرطوم ۾ شديد فائرنگ ۽ ڌماڪا ٻڌا ويا. فائرنگ خرطوم ۾ سوڊاني آرمي هيڊ ڪوارٽر ۽ ڀرپاسي واري وزارت جي آفيس ويجهو ٿي. ميڊيا رپورٽن موجب جهڙپن ۽ ٻه ڌماڪن سبب 56 ڄڻا مارجي ويا آهن جڏهن ته 590 کان وڌيڪ ماڻهن کي زخمي حالت ۾ اسپتال منتقل ڪيو ويو آهي.

بقايا 19

آيو. قتل جي ڪيس ۾ ايم ايل اي عتيق ۽ ٻين ٻن جڻن کي عمر قيد جي سزا ٻڌائي وئي هئي جڏهن ته اشرف کي ڪيس مان بري ڪيو ويو هو ٻنهي ڀائرن کي پوليس جي حراست ۾ ميڊيڪل چيڪ اپ لاءِ اسپتال آڻڻ کان پوءِ واپسي تي ميڊيا سان ڳالهه ٻولهه دوران گوليون هڻي قتل ڪيو ويو هڪ ڏينهن اڳ ايم ايل اي عتيق جو پٽ به هڪ مبينا مقابلي ۾ قتل ڪيو ويو هو عتيق ۽ سنڌس ڀاءُ جي قتل جي مذمت ڪندي آل انڊيا مجلس اتحاد المسلمين جي اڳواڻ اسد الدين اويسي چيو آهي ته هٿڪڙيون لڳل ڀائرن جو قتل ۽ هندو انتهاپسندي تي ٻڌل نعرا رياست جي وڏي وزير يوگي ادتيا ناٿ جي امن ۽ امان قائم ڪرڻ ۾ ناڪامي جو وڏو ثبوت آهن.

بقايا 20

ڊومڪي برادري جي ٻن گروپن ۾ جهيڙو ٿي پيو هٿيارٻندن هڪ ٻئي تي جديد هٿيارن سان فائرنگ ڪري ڏني. فائرنگ جي نتيجي ۾ عيدن ڊومڪي، برڪت ڊومڪي، ڏٽي بخش ڊومڪي، مارجي ويا. جڏهن ته ذاڪر حسين، نور محمد، پير بخش، طارق حسين ڊومڪي سميت 9 ڄڻا زخمي ٿي پيا. جڏهن ته مقامي پوليس زخمين کي ڪنڌڪوٽ ڪشمور سول اسپتال پهچايو وڌيڪ جاچ ڪئي پئي وڃي.

بقايا 21

۽ پيسا کسڻ جي ڪوشش ڪئي جنهن تي اعجاز علي ڪنڊ انهن سان مزاحمت ڪئي ته ڦورن گوليون هڻي اعجاز علي ڪنڊ کي موقعي تي ئي ماري وڌو موٽر سائيڪل ۽ پيسا کڻي واقعي واري جاءِ تان فرار ٿي ويا پوليس کي اطلاع ملندي ايس ايڇ او محراب پور مير امداد علي ٽالپر پوليس جي وڏي نفري سان موقعي واري جڳهه تي پهچي مقتول اعجاز علي ڪنڊ کي ضروري ڪارروائي لاءِ محراب پور جي سرڪاري اسپتال پهچايو ڊاڪٽرن جي ٽيم ضروري ڪارروائي ڪرڻ ڪانپوءِ لاش مالڪن جي حوالي ڪيو

بقايا 22

ڪميٽي 14 ڏينهن ۾ معاملي تي رپورٽ تيار ڪندي. ڪميٽي ذميوارن جو تعين ڪندي، ايس ايس بي سينٽرل ڊائريڪٽر SBCA. نارٿ ڪراچي ايسوسيئيشن جو نمائندو شامل آهن. ڊائريڪٽر سول دفاع، اين اي ڊي انجنيئرنگ ڊپارٽمينٽ سميت انصاف هيلپ لائن جي نمائندن شرڪت ڪندا. ڪميٽي باهه لڳڻ جي سبب، عمارت جي جاچ، عمارت ۾ باهه وسائڻ وارن اوزارن جي موجودگي بابت رپورٽ پيش ڪندي. رپورٽ تيار ڪئي ويندي جنهن تي فائر فائٽر ريسڪيو آپريشنز ۾ ايس او پيز تي عمل ڪيو ويو

بقايا 23

۾ ڪنڊ سميت ٻين شين جي اسمگلنگ جي خاتمي لاءِ ملڪ گير ڪارروائي جي حڪمت عملي تيار ٿيندي. ان ڪانسواءِ وزيراعظم، اسمگلنگ، ناجائز منافعي خوري ۽ ذخيرا اندوزي ۾ ملوث ڪردارن خلاف سخت ڪارروائي ۽ سزا ڏيڻ جي هدايت ڪئي. وزيراعظم چيو ته عوام کي اسمگلرن، ناجائز منافعي خورن، ۽ ذخيرو ڪندڙن جي رحم ڪرم تي نٿو ڇڏي سگهجي، عوام کي ستائڻ وارن کان حساب ورتو ويندو. شهباز شريف، پنجاب جي نگران وڏي وزير محسن نقوي کي صوبي ۾ ڪنڊ جي قيمت ڪنٽرول ڪرڻ لاءِ جوڳا اپاءَ وٺڻ ۽ نگراني جي هدايت ڪئي آهي.

بقايا 24

چيف جسٽس دليرانا فيصلا ڪندو ته تاريخ کيس ياد رکندي. هن چيو ته مولانا فضل الرحمان جو ٽي ايل بي ڊرٽن جي حمايت بابت الزام سنگين آهي. ڪميشن جوڙي جاچ ڪرائي وڃي. سنڌس چوڻ هو ته مولانا فضل الرحمان هڪ صوبائي پارٽي جو سربراهه آهي، سنڌس ڪا سياسي حيثيت ناهي. فواد چوڌري چيو ته مولانا فضل الرحمان چوي پيو ته عمران خان جو تختو اونڌو ڪرڻ جو واعدو ڪيو هو اهڙو انڪشاف وڏي اهميت جوڳو آهي. هن چيو ته فضل الرحمان ٽالا کنيا. جن ماڻهن سان سنڌس ڳالهه ٻولهه ٿي هئي. ڪيس پنهنجي قد موجب ڳالهيون ڪرڻ گهرجن. سنڌس چوڻ هو ته جمون ڪشمير جي اڳوڻي گورنر ستيه پال ملڪ جي انٽرويو تي ڀارت ۾ باهه لڳي وئي آهي پر هتي ان تي ڪير به نٿو ڳالهائي. فواد چوڌري چيو ته ٻه ڏينهن انتظار ڪيو ته ڪو حڪومتي نمائندو ڪشميري تي رد عمل ڏئي، ستيال پال ملڪ جي بيان تي رد عمل نه ڏيڻ ڳڻتي جوڳو آهي.

بقايا 25

الرس جي رهائشي عمارت ۾ باهه لڳي وئي. باهه لڳڻ جي نتيجي ۾ ٽي پاڪستاني به فوت ٿيا آهن جن جو واسطو هڪ ئي خاندان سان هو شروعاتي جاچ موجب عمارت ۾ باهه کان بچاءُ ۽ حفاظتي رستن جو مناسب انتظام نه هو دبئي پوليس جو چوڻ هو ته باهه لڳڻ جي سببن تي جاچ جاري آهي.

بقايا 26

جو گهيرو تنگ ڪيو ويو آهي. ٻئي پاسي ايس ايڇ او رائونتي جو چوڻ آهي ته ڌاڙيل پوليس تي 20 راڪيٽ لانچرز فائر ڪري چڪا آهن. مقابلي ۾ 5 ڌاڙيلن کي زخمي ڪيو ويو آهي.

بقايا 27

ڪمشنر موجب نيشنل هاءِ وي تي شهدا چيڪ پوسٽ پرسان ڪار ۽ ٽرڪ ۾ ٽڪر ٿي پيو جنهن جي نتيجي ۾ 5 پوليس اهلڪار فوت ٿي ويا، جڏهن ته هڪ زخمي ٿي پيو جنهن کي ويجهي اسپتال منتقل ڪيو ويو آهي. ڊپٽي ڪمشنر جو چوڻ آهي ته پوليس اهلڪار ڪوئيٽا ۾ ٽريننگ ڪري رهيا هئا ۽ عيد جي موڪلون ملهائڻ لاءِ پنهنجن گهرن ڏانهن وڃي رهيا هئا.

بقايا 28

چيو ته ملير ايڪسپريس وي جي تعمير دوران ماحول کي نقصان نه پهچايو وڃي ٽربيونل ماحولياتي بهتري ۽ خطرن کان بچاءَ لاءِ گريڊ 20 جي آفيسر جي سربراهي ۾ ڪميٽي جوڙڻ جو حڪم ڏئي ڇڏيو آهي ڪميٽي کي هر مهيني روڊ ۽ پروجيڪٽ جو دورو ڪري رپورٽ تيار ڪرڻ جو حڪم ڏنو

بقايا 29

ٽاٽي مان ٻن مغوين جي بازيابي عمل ۾ آئي. جڏهن ته پٽو اوڳاريندڙ چئن جوابدارن کي گرفتار ڪيو ويو آهي. گذريل ڏينهن شاهه لطيف ٿاڻي تان اينٽي وائلنٽ ڪرائم سيل چاپو هڻي ٻن مغوين کي بازياب ڪرايو هو ذريعن موجب پوليس شهرين جي اغواڪارن جو پٽو لڳائڻ ۾ هيل تائين ناڪام آهي. واقعي جو ايڊيشنل آءِ جي نوٽيس وٺندي ايس ايس پي ملير کي شوڪاز نوٽيس جاري ڪيو آهي ۽ ملوث جوابدارن خلاف ڪيس داخل ڪري ڪارروائي جي هدايت ڪئي آهي.

بقايا 30

جي ٻن ميمبرن کي گرفتار ڪري سنڌن قبضي مان 85 لک رپين جون 4 ڪارون هٿ ڪري ورتيون آهن. پوليس جو چوڻ آهي ته قانون ۾ سخت سزا نه هجڻ ڪري چور ڪجهه مهينن بعد آزاد ٿي وڃن ٿا، جيسين سخت سزا قانون ۾ تجويز نه ٿيندي تيسين هن قسم جي ڏوهن ۾ گهٽتائي مشڪل آهي.

خانواهڻ تائي جي حد ۾ وڌندڙ بدامني چورين ۽ ڦرن ٽيڙ خلاف ٽئين ڏينهن به شٽربند هڙتال

شهرين پاران ٽئين ڏينهن به شٽربند هڙتال ٿاڻن ڪي باهيون ڏئي احتجاجي مظاهرو ڪري ڊرٽو هنيو ويو

محمد حسن ڪونڊر، محمد صديق پيرزاده، سيد عاشق شاه، وقار ڪونڊر، شعبان گلال احتجاجي مظاهرو ڪيو

فداحسين ڪلهوڙو جي دوڪان جي چور ڇت ٽوڙي لکين روپين جو سامان چوري ڪري فرار ٿي ويا: ميڊيا سان ڳالهيون

خانواهڻ(رپورٽ: عاجز امتياز نوح پوٽو) خانواهڻ تائي جي حد ۾ وڌندڙ بدامني چورين ۽ ڦرن ٽيڙ خلاف اڄ ٽئين ڏينهن به شٽربند هڙتال ٽائرن کي باهيون ڏئي احتجاجي مظاهرو ڪري ڊرٽو هنيو ويو خانواهڻ شهر ٽوڙي پرپاسي ۾ چورين ڦرون روز جو معمول بڻيل خانواهڻ پوليس روائتي سستي جو مظاهرو ڪري رهي آهي شهري اتحاد ، ڪونڊر سوشل ويلفيئر، دوڪاندار ايسوسيئيشن ۽ سياسي سماجي اڳواڻن جي ڏنل هڙتال جي سڏ تي شهر مڪمل شٽربند هڙتال ڪري ٽائرن کي باهيون ڏئي سخت نعري بازي ڪري ريلي ڪڍي پريس ڪلب خانواهڻ آڏو ڊرٽو هنيو ويو جتي اڳواڻن محمد حسن ڪونڊر . محمد صديق پيرزاده . سيد عاشق علي شاه . وقار ڪونڊر . شعبان گلال صحافين سان ڳالهائيندي چيو ته پندرنهن ڏينهن اڳ سوناري بازار مان 8 اٺن دوڪانن جي چوري ٿي وئي هٿي شهر خانواهڻ جي پرپاسي ۾ 20 کان مٿي چوريون ۽ ڦرون ٿي چڪيون آهن پر ايس ايڇ او هن وقت تائين ڪڪ پچي پيٽر ناهي ڪيو ڪئي ڪا چوري يا ڦر ٿيل سامان واپس ڪرايو آهي ۽ نئي ڪرجوابدار ڪي گرفتار ڪيو ويو آهي سياسي سماجي اڳواڻن وڌيڪ چيو ته خانواهڻ شهر ۽ پرپاسي مان بدامني ختم ڪري شهرين ڪي ڪاروبار ڪرڻ ڏنو وڃي نه ته ٻي صورت احتجاج جو دائرو وڌيو ويندو. ٻئي طرف خانواهڻ ۾ چورين جو سلسلو بند نه ٿي سگهيو رات خانواهڻ شهر مان دوڪاندار فداحسين ڪلهوڙو جي دوڪان جي چور ڇت ٽوڙي لکين روپين جو سامان چوري ڪري فرار ٿي ويا جنهن جا پيرا پيرن کان ڪٿايا جيڪي شهر جي ٻاهران ٽوري پند تي هلي گم ٿي ويا دوڪاندار فداحسين ڪلهوڙي ٻڌايو ته مان پورهيت مسڪين آهيان وس وارا منهنجي چوري واپس ڪرائي ڏين.

نوشهروفيروز ۾ امن جو پکي اڏامي ويو، بيڪري جي مالڪ کان ڦرلٽ

هٿياربند عتيق الرحمن ميمڻ ۽ سراج علي عباسي کان ڦر ڪري فرار ٿي ويا

اسان کي اڄ ڦورو ماري چڪا آهن نه اسان وٽ ڪاروبار محفوظ آ نه ئي عام شهري: واپاري

خدارا شهرين جو جئڻ جنجال ڪندڙ ڦورن کي گرفتار ڪري اسان کي تحفظ ڏنو وڃي: ڳالهيون

نوشهرو فيروز (رپورٽ:منظور ملڪ) نوشهروفيروز امن جو پکي اڏامي ويو نوشهروفيروز بيڪري جي مالڪ عتيق الرحمن ميمڻ ۽ سراج علي عباسي کان ڦر تفصيل موجب عتيق الرحمن بسيت بيڪري جو مالڪ ۽ سندس مينيجر سراج علي عباسي ٻڌايو ته اسان ڪلهوڙا اسٽيشن ۽ گجو سيل ڪرڻ ويا هئاسين واپسي نوشهروفيروز اچي رهيا هئاسين ته بحريا ڪاليج روڊ تي ٽائيم تقريبن منجهد جو هڪ ڪان ڏيڍ بجي ٻن ڦورن پاران سڌا فائر ڪري روڪيو ويو ان کان پوء ڪيش رقم 150000 ڦر ڪري آرام سان فرار ٿي ويا هنن وڌيڪ ٻڌايو ته اهڙي عمل جي اسان نوشهروفيروز تي اين سي پڻ داخل ڪرائي آهي هنن مديا سان ڳالهائيندي چيو ته اسان کي اڄ ڦورو ماري چڪا آهن نه اسان وٽ ڪاروبار محفوظ آ نه ئي عام شهري اسان جي شهر نوشهروفيروز جي پوليس اڳور تند سٽل آهي هنن حڪومت کان ايس ايس پي نوشهروفيروز ۽ آئي جي سنڌ کان مطالبو ڪندي چيو ته خدارا شهرين جو جئڻ جنجال ڪندڙ ڦورن کي گرفتار ڪري اسان کي تحفظ ڏنو وڃي ٻئي صورت ۾ سخت احتجاج ڪيو ويندو